آن لائين
# ڪاوش دنيا
آچر 2 آگسٽ 2026ع
www.thekawish.com - facebook.com/kawishdunya




## هن پرچي جا ليکڪ

شيخ مونس اياز
عزيز ڪنگراڻي
منوج ڪمار
ڊاڪٽر محمد اسماعيل ڪنير
ڊاڪٽر جمشيد عادل هاليپوٽو
امر اقبال
رڪيل مورائي
پارومل امراڻي
مصطفيٰ نانگراج
سجاد ظهير
قربان منگي
خليق الرحمان ڪيريو
تاشفين رضوان
ذوالفقار ناصر ساريو
سعيده چانڊيو
الطاف ابڙو
حڪيم پريم چانڊواڻي

## پرڏيهي ادب

نظم جو ترجمو:
بيدل مسرور بدوي
ڪهاڻيءَ جو ترجمو:
سُڪار جاکرو

## ڪهاڻي

عارف چانڊيو

## شاعري

نصير سومرو،
اويس ساگر،
سڪندر هاڙهو، سيف نياز،
رابعه وقار، عبدالرسول
"دربان" خاصخيلي،
امر آفتاب سومرو،
انور سانول ۽ حسن وساڻ







اج ايترن سالن کانپوءِ ”ڪاوش“ سان پنهنجي تعلق تي سوچيان ٿو ته، ڪافي ’سون ورنيون يادون‘ اکيان اڳيان اچي وڃن ٿيون. اها ”ڪاوش“ جي مهرباني هئي جو اسان کي ان ۾ لکڻ لاءِ جڳهه ملي، سٺا پڙهندڙ مليا ۽ سڃاڻپ ملي. مهرباني ”ڪاوش“ ۽ جنم ڏينهن جون واڌايون.

# ڪاوش سان تعلق جون يادون

منوج ڪمار



”ڪاوش“ سان منهجي تعلق کي هاڻ ٽي ڏهاڪا ٿي ويا آهن. جيتوڻيڪ ڪن مصروفيتن جي ڪري هاڻ منهنجو لکڻ گهٽجي ويو آهي، تڏهن به، اڃان تائين منهنجي جيڪا ٿوري گهڻي سڃاڻپ آهي، سا ”ڪاوش“ جي ڪري ئي آهي. اڄ به هيترن سالن کانپوءِ ڪافي ماڻهو مونکي رڳو انهيءَ ڪري سڃاڻن جو ڪنهن دور ۾ ”ڪاوش“ جي ايڊيٽوريل پيج تي منهنجا ڪالم ڇپبا هئا. منهنجي شهر ۾ جيڪي ماڻهو اهي پڙهي نه سگهندا هئا، سي به مونکي واٽ ويندي ٻڌائيندا هئا ته، ”ڪاوش‘ ۾ تنهنجو فوٽو ڇپيو هو.“ اهو ”ڪاوش“ جو ماڻهن تي اثر هو، جو ليکڪ اهو ئي سمجهيو ويندو هو، جيڪو ”ڪاوش“ ۾ ڇپجي.

”ڪاوش“ ۽ خاص طور تي انهيءَ جو ايڊيٽوريل وارو صفحو، گذريل ڪيترن ئي ڏهاڪن کان سنڌ جي سياسي، فڪري، ادبي ۽ سماجي بحثن جو محور رهيو آهي. انهيءَ صفحي تي ڇپيل مضمون ۽ انهن جي نتيجي ۾ ٿيندڙ بحث سنڌ جي ماڻهن جي ذهن سازي ڪندا هئا. انهيءَ صفحي تي ٿيندڙ بحثن ۾ هڪ حد تائين سنڌ جي مسئلن ۽ انهن جي حل جي باري ۾ راءِ جڙندي هئي.

”ڪاوش“ ۾ باقاعد لکندڙن جي هڪڙي سيليبرٽي واري حيثيت هوندي هئي. ڪيترن ئي ناليوارن ليکڪن جي اها خواهش هوندي هئي ته سندن مضمون يا ڪالم يا خط ”ڪاوش“ ۾ ڇپجي. ”ڪاوش“ ڪيترن ئي سينيئر ليکڪن کي پنهنجي پڙهندڙن سان ڳنڍيو، پر ڪافي نون ليکڪن به انهيءَ صفحي تان پنهنجي سفر جي شروعات ڪئي. هن وقت به سنڌ جي ادبي، سماجي ۽ فڪري افق تي بيٺل ڪيترا ئي وڏا نالا ڪاوش جا ڏنل آهن.

”ڪاوش“ جي ايڊيٽوريل واري صفحي تي پڙهندڙن لاءِ وڏي ورائٽي هوندي هئي. ساڳئي صفحي تي سنجيده موضوع به هوندا هئا، ته مزاح نگارن جا ڪالم به ملندا هئا، ملڪي سياست جا احوال هوندا هئا، ته بين الاقوامي ماهرن جا به احوال ملندا هئا. جيڪڏهن پاڻيءَ جي مسئلي تي مضمون هوندا هئا، ته ادبي ادارن جي ڪارڪردگيءَ تي به سوال اٿندا هئا. ادبي موضوع هوندا هئا، ته ثقافتي رنگ به نظر ايندا هئا. مطلب ته تعليم کان وٺي زراعت ۽ اينٿروپالاجي کان وٺي مڪاني ادارن تائين هر موضوع ڪاوش جي انهيءَ صفحي تي مواد ملندو هو. ڪوشش ڪئي ويندي هئي ته جيڪو به ڪرنٽ اشو هجي، انهيءَ تي ماهرن کان گهرائيءَ ۾ ڪوليڪ لکرائجي.




”ڪاوش“ جي انهيءَ صفحي تي باقاعد ڪالم لکندڙن جا ڏينهن مقرر هوندا هئا، جن تي ناميارا ليکڪ پنهنجا ڪالم لکندا هئا. آچر جي ڏينهن محمود مغل جو انتظار هوندو هو، ته جمعي ڏينهن امر جليل جو. حفيظ ڪنڀر جا ريما کي خط هوندا هئا، ته زيب سنڌي جا ڪهاڻي نما ڪالم، امتياز ابڙي جا پوڳ هوندا هئا، ته نصير مرزا جا ادب ۽ فن جا داستان. هڪ پورو گلستان هوندو هو، جنتي مختلف رنگن ۽ خوشبوئن جا گل، پڙهندڙن جي دلچسپيءَ جو مواد مهيا ڪندا هئا.

مونکي ”ڪاوش“ ۾ اها آزادي هوندي هئي ته، آئون جنهن به موضوع تي لکڻ چاهيان ته لکي سگهيس پئي. مون پنهنجي لاءِ اهي موضوع چونڊيا، جن تي عام طور تي ٻيا ليکڪ ڪونه لکندا هئا. انهن ۾ سائنس، بين الاقوامي ادب، ماحوليات، ٻولي، سماجيات ۽ تعليم سميت ٻيا ڪيترائي موضوع هوندا هئا. مونکي خوشي آهي ته انهن موضوعن جا به باقائده پڙهندڙ هوندا هئا ۽ انهن تي باقائده فيڊبيڪ به ملندو هو.

اج ايترن سالن کانپوءِ ”ڪاوش“ سان پنهنجي تعلق تي سوچيان ٿو ته، ڪافي ’سون ورنيون يادون‘ اکيان اڳيان اچي وڃن ٿيون. اها ”ڪاوش“ جي مهرباني هئي جو اسان کي ان ۾ لکڻ لاءِ جڳهه ملي، سٺا پڙهندڙ مليا ۽ سڃاڻپ ملي. مهرباني ”ڪاوش“ ۽ جنم ڏينهن جون واڌايون. ■




سياڻي، سومر، 3 آگسٽ تي سنڌي ٻوليءَ جي سڀ کان وڏيڪ پڙهي ويندڙ، خبرن، رپورٽن، ڪالمن ۽ مضمون جي لحاظ کان هڪ وڏي پروسي واري ۽ سنڌ ۽ سنڌي عوام جي احساسن، امنگن، مسئلن، ڏکن سورن، زيادتين، انصافين ۽ ڏاڍاين کي نروار ڪندڙ اخبار_ روزاني ڪاوش، حيدرآباد جي 36هين سالگره ملهائجي رهي آهي. اهي سمورا سال هن اخبار جي زندگيءَ ۾ ڪيئن رهيا آهن؟ انهن سالن ۾ هيءَ اخبار پنهنجي معيار کي برقرار رکڻ لاءِ ۽ سچ چوڻ عيوض ڪيتريون قربانيون ڏيئي چڪي آهي، ۽ انهن عيوض سنڌي ماڻهن جو ڪيس ڪيترو پيار مليو آهي؟ اهو هن اخبار جو هر پڙهندڙ بخوبي ڄاڻي ٿو.

ڪاوش پنهنجي ڌرتي ۽ پنهنجي قوم جي خدمت کي پاڻ تي قرض ٿي سمجهي، اهو سمجهي ٿي ته، هن ڌرتيءَ جي ماڻهن جي ترقي، خوشحالي، سک، امن ۽ انصاف، انهن جو بنيادي حق آهي، جيڪو انهن کي ملڻ گهرجي.

اسان سڀئي ڄاڻون ٿا ته سنڌ جي معاشري ۾ عام ماڻهو جهڙي طرح پوڳي ٿو، هو هر وک تي جن مسئلن کي مُنهن ڏئي ٿو، هو جنهن طرح مهانگائيءَ جي گهاڻي ۾ پيڙجي ٿو، ۽ ڪاموراشاهيءَ هٿان لُٽجي ٿو، ان تي رڳو سنڌي صحافت ئي دنيا جون اکيون کولرائي ٿي، ۽ ان ۾ سرفهرست ۽ وڏو آواز ٻڌجڻ جو ڪردار ڪاوش ادا ڪري رهي آهي.

سچ اهو آهي ته هن اخبار پنهنجن 36 سالن جي عرصي ۾ جيڪا مڃتا ماڻي آهي، جيڪو پيار ماڻيو آهي ۽ جيڪا حيثيت حاصل ڪئي آهي، اها مثالي آهي. تڏهن ئي ته سنڌ جي ننڍي وڏي ڪاموري کان وٺي، سياستدان، تعليم دان توڙي ٻين شعبن جي ماڻهن تائين، سڀ جيستائين ڪاوش اخبار نه پڙهندا آهن، تيستائين ڄڻ هُنن دنيا جهان بابت ڪي به خبرون ناهن پڙهيون، پل ته هُنن ٻيون اخبارون پڙهيون هجن، ٻيا ٽي وي چينل ڏٺا هجن، سوشل ميڊيا تي حوال پڙهيا هجن، پر پوءِ به هو ڪاوش ضرور پڙهندا، ڇو ته، ڪاوش پڙهڻ بنا هو پاڻ کي بي خبر سمجهندا آهن. سو سنڌ جي ان هردلعزيز اخبار جي سياڻي 36هين سالگره آهي، جنهن جون اوهان سڀني سنڌواسين، ملڪ جي ٻين صوبن جي رهندڙ ڪاوش جي پڙهندڙن ۽ دنيا جي مختلف ملڪن ۾ آباد ڪاوش جي پڙهندڙن کي، ڪاوش جي سالگره جون تمام گهڻيون مبارڪون هجن. ابو عني




# ڪو به اهڙو سنڌي ناهي جيڪو چوي ته، ’مون ڪاوش ڪڏهن به ناهي پڙهي‘

ڊاڪٽر جمشيد عادل هاليپوٽو



اخبار يا رسالا جن کي پاڻ ميگزين به چوندا آهيون، سي تڏهن کان پڙهڻ شروع ڪيم، جڏهن پنجون درجو پاس ڪيم. پوءِ بابا کي ڊپٽي اليڪشن ڪمشنر جو عهدو مليو ته وري اسان وٽ هڪ انگريزي ۽ ٻه سنڌي ۽ اردو اخبارن اينديون هيون. اسان وٽ گهڻو تڻو اخبار جي هر خبر پڙهڻ ڪا عام رواجي ڪونه هئي. هر ڪو ڪا هڪ اڌ خبر يا هيڊ لائين يا ڪي رنگين تصويرون ڏسي اخبار مان هٿ ڪڍندو هئو، پر مون کي گهٽيون خبرون پڙهڻ ۾ دلچسپي رهي آهي— سي به ڌيان ۽ شوق سان پڙهندو رهيو آهيان. خاص طور تي موڪل واري ڏينهن به ٽي اخبارون، سي به پيپر ايڊيشن، آن لائين نه. ڇپيل ڪاپي اڄ به منهنجو شوق آهي. الائي ڇو، پر ڪاغذ تي ڇپيل خبر جو پنهنجو هڪ الڳ هڳاءُ ۽ پنهنجو جدا مزاج ۽ خمار ٿئي ٿو، جيڪو آئون لفظن ۾ بيان نٿو ڪري سگهان.

وري جڏهن اسان جي اخبار ”ڪاوش“ جو ذڪر ڪريان ته اها اخبار ته سنڌي ٻولي ۽ سنڌي عوام جي مزاج ۽ لاڙي کي اجاگر پئي ڪري. آئون ڪونه ٿو سمجهان ته ڪو اهو چوي ته، آئون سنڌي



آهيان ۽ مون ڪاوش اخبار ڪانهي پڙهي. منهنجي ڄاڻ ۾ ڪروڙين سنڌي، جيڪي سنڌ ۾ رهن پيا، تن مان ڪو ”ڪاوش“ جو پڙهندڙ نه هجي، ائين ممڪن ئي ناهي.

سنڌ ۽ سنڌين جي خوشي، ڪاوڙ يا خواهشن جي جڏهن ڪا ڪٿ ٿئي ٿي ته ان بابت ”ڪاوش“ ۾ سنڌين جي ڏنل راءِ وڏي اهميت رکي ٿي ۽ ان تي ملڪي ۽ بين الاقوامي طور تي غور ويچار به ٿئي ٿو. جيئن سنڌين جي اڪثريت لاءِ پيپلز پارٽي آهي، تيئن اخبارن ۾ وري ”ڪاوش“ آهي، ڇاڪاڻ ته هن اخبار جو پنهنجو فليور ۽ مزاج آهي، جيڪو ان 36 سالن کان برقرار رکيو آهي.

ڇِٽو بيانيو ۽ عوام کي بروقت حقيقت کان باخبر ڪرڻ جي ڪري ڳوٺن توڙي شهرن ۾ موجود هر شخص ۽ اعليٰ تعليم يافته ماڻهن ۾ به ”ڪاوش“ جي خبر ۽ ان کي پيش ڪرڻ واري انداز جي هڪ حيثيت ۽ اهميت آهي. آئون اميد ڪريان ٿو ته ”ڪاوش“ ان معيار کي ايندڙ وقت ۾ به برقرار رکندي ۽ عوام جي امنگن تي هميشه پوري لهندي. ان سان گڏ ”ڪاوش مظلومن ۽ پنتي پيل ماڻهن لاءِ آواز بلند ڪندي رهندي.

# ”ڪاوش“ سان ساٿُ هڪ خوبصورت ياد جهڙو آهي

امر اقبال



هاءِ اسڪول ۾ پڙهندي، 1980ع واري ڏهاڪي ۾ ئي اخبار پڙهڻ جي چُوسَ پئجي چڪي هئي. بابا شهر مان پاڻ سان گڏ گهر جي سودي سامان ۽ ڀاڄي ڀُتيءَ سان گڏ، سنڌي اخبار ضرور آڻيندو هو. اخبارن ۾ ٻارن جا هفتيوار صفحا به هوندا هئا.

1990ع ۾ جڏهن روزاني ”ڪاوش“ نين روايتن جا بنياد وجهندي، هڪ بنهه منفرد اخبار جي صورت ۾ جاري ٿي هئي، تڏهن اسان واري، شاعرن جي ٽهيءَ جي لکڻ جا شروعاتي ڏينهن هيا. مختلف رسالن ڏي پنهنجا شعر پوسٽ ڪري ڇڏڻ ۽ پوءِ انهن رسالن جو انتظار ڪرڻ معمول بڻيل هوندو هيو. ”ڪاوش“ پنهنجين ٻين انيڪ انفرادي خوبين سان گڏ، ايڊيٽوريل صفحي تي، روزاني بنياد تي شاعري ڇاپڻ جو به سلسلو شروع ڪيو هو. ”سنڌ جي شاعري“ جي مستقل عنوان سان اها شاعري ڇپبي هئي. مون کي خبر ناهي ته، ان وقت ايڊيٽوريل صفحي جو انچارج ڪير هيو، پر مان به پنهنجي شاعري لفافي ۾ وجهي پوسٽ باڪس جي حوالي ڪري ڇڏيندو هيس، جيڪا پڻ ٻين شاعرن جيان ”ڪاوش“ جي ايڊيٽوريل صفحي تي ڇپجي، لکين پڙهندڙن تائين پهچندي هئي.

”ڪاوش“ سج اڀرڻ سان سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ ۾، هٽ هٽ ۾ پهچي ويندي هئي. چار صفحا، قيمت هڪ يا ڏيڍ رپيو. اخبار پڙهڻ لاءِ ٻئي ڪنهن ڏانهن واجهائڻو ئي نه پوندو هو. پنهنجي کيسي جي خرچيءَ مان ئي ”ڪاوش“ ڳنهي وٺبي هئي. ”ڪاوش“ سنڌ واسين لاءِ صبح جي چانهن جيتري اهميت ماڻي ورتي هئي. منهنجي عمر ان وقت 17 سال هئي.

”ڪاوش“ سان جڙيل اهو ناتو 2001ع ۾ وري هڪ ٻي صورت ۾ نئون ٿيو، جو مون انهيءَ ساڳئي ئي ادارتي صفحي ۾ هفتيوار ڪالم لکڻ شروع ڪيو. هن دفعي ڪالم لکڻ جي آڇ مون کي ”ڪاوش“ جي ادارتي صفحي جي آفيس مان ٿي هئي. اهو تفصيل ڪنهن ٻي جاءِ تي... ڇڱا ڀلا ”ڪاوش“ ۾ لکڻ لاءِ سِڪندا هئا ۽ ”هائيڊ پارڪ“ ۾ خطڙو ڇپجڻ تي به ٽڏندا هئا. ”ڪاوش“ جي پهچ ۽ پڙهندڙن جو حلقو ايترا وسيع هوندا هيا، جو ڪالمن جي موٽ ۾ ملندڙ پڙهندڙن جو پيار روح کي سرشار ڪري ڇڏيندو هيو. وري وري ۽ لڳاتار لکڻ جو اتساهه ملندو هيو.

هڪ دفعي ياد اٿم ته، اتفاق سان ”ڪاوش“ ۾ ليڊ ڪالم امر سنڌوءَ جو ڇپيو، پاسي تي، مٿي سائين امر جليل جو ڪالم هيو، ۽ هيٺ منهنجو.. ٽئي ”امر“ هئاسي، چوٿون ڪوئي ڪالم نه هيو. اهو محض اتفاق هيو. ڪنهن جاءِ تي وينو هيس، جو هڪ نوجوان، جنهن جي هٿ ۾ ”ڪاوش“ هئي، مون کي سڃاڻي، مون وٽ سُري آيو ۽ چيائين: ”هي توهان آهيو نه؟“ چيم: ”ها.“ چيائين: ”هيءَ امر سنڌو توهان جي ڀيڻ آهي ڇا؟“ مسڪرائي چيم ۽ وڌيڪ چيم: ”ها. ۽ هي جيڪو امر جليل ڏسين ٿو، اهو اسان ٻنهي جو بابو آ...“

اڳتي هلي منهنجا اهي سمورا ڪالم ”سرگوشيون“ جي نالي سان ڪتابي صورت ۾ پڻ ڇپيا.

ٻئي طرف هفتيوار ”ڪاوش دنيا“ سان پڻ هڪ ليکڪ جي حيثيت سان ڊگهو تعلق رهيو آهي. مختلف لکڻين ۽ شاعريءَ سان گڏوگڏ مختلف اديبن کان ورتل منهنجا انٽرويوز پڻ ”ڪاوش دنيا“ جي صفحن ۾ شامل رهيا آهن. امداد حسيني، مهتاب اڪبر راشدي، مدد علي سنڌي، ڊاڪٽر نواز علي شوق، نصير اعجاز، اياز گل، رسول ميمڻ، نصير مرزا، ادل سومرو، هدايت بلوچ، قربان منگي، اسحاق انصاري، عطيه دائود، شفت حسين وڏو.... انٽرويوز ته جام ڪيا هيم، پر اهي چند ٽرانسڪرائيب ڪري سگهيس، جيڪي ”ڪاوش دنيا“ ۾ قسطوار ڇپيا ۽ جن کي



پڙهندڙن پڙهيو، پسند ڪيو ۽ ساراهيو. هي انٽرويو پڻ ”منهن مقابل ٽياس“ جي نالي سان ڪتابي صورت ۾ ڇپيا.

”ڪاوش“ سان هڪ پڙهندڙ کان وٺي هڪ لکندڙ جي حيثيت تائين، گهرو تعلق رهيو آهي، ۽ انهيءَ ڪري ئي ”ڪاوش“ جي سالگره يقينن خوشيءَ جو احساس ئي ارپي ٿي. ”ڪاوش“ ڏهاڪن کان وٺي عامَ جو آواز بڻجندي رهي آهي. هن ئي اخبار ورڪنگ جرنلسٽس جي هڪ وڏي کيپ تيار ڪئي، تحقيقي رپورٽس شايع ڪرڻ جو رواج وڌو، ايڊيٽوريل صفحن تي افسانوي ادب جي وڏن نالن کي ڪالم نگار طور جاءِ ڏني، جن پڙهندڙن جو وڏو حلقو پيدا ڪيو. انهن مڙني ليکڪن مان هر ڪنهن جو موضوعاتي جهان پنهنجو رهيو. شال ”ڪاوش“ سدائين ويرئون وڌ هجي. ترقيءَ ۽ نواڻ جا نوان معيار ماڻيندي رهي، ۽ ڄاڻ جي ڊجيٽل اِرا (era) ۾ اچڻ کان پوءِ نت نون چئلينجز کي منهن ڏيندي اچي. ■







# سنڌ جي ”ڪاوش“

پارومل امراڻي



سنڌي صحافت روايتن جي ريت کان وٺي جديد صحافت جي موجوده صورت تائين هڪ پورو ارتقائي مرحلو طئي ڪيو آهي. صحافت جي تاريخ انهيءَ ارتقائي مرحلي ۾ 1990واري ڏهاڪي جي خاص اهميت آهي، جنهن ۾ صحافتي دنيا قدامت مان ڳر موڙي جدت ڏانهن جاڳڻ شروع ڪيو. انهيءَ تاريخي دور ۾ سنڌي صحافت جي تاريخ جي هڪ انتهائي اهم اخبار روزاني ”ڪاوش“ جو جنم ٿيو. ”ڪاوش“ پنهنجي جنم سان سنڌي صحافت، جيڪا بنيادي طرح سادي پرنٽنگ ۽ روايتي طريقن تائين محدود هئي، تنهن کي هڪ نئين، عصري ۽ جديد رخ ڏانهن موڙي سنڌي صحافت تي گهرا ۽ پائيدار اثر ڇڏيا.

”ڪاوش“ ٽيڪنالاجي ۽ پرنٽنگ جو انقلاب

”ڪاوش“ رنگين پرنٽنگ ۽ جديد لي آئوٽ ۾ پهرين باقاعده ڪمپيوٽرائيزڊ ۽ جاذبِ نظر آفسٽ پرنٽنگ متعارف ڪرائي. صفحه‌بندي خبرن جون سرخيون، خوبصورت فونٽس، ۽ وڏين تصويرن جو استعمال ان دور جي سنڌي اخبارن لاءِ بلڪل نئون، متاثر ڪندڙ ۽ تجسس پريو هو. ان پنهنجو وسيع رپورٽنگ نيٽ ورڪ جوڙي، سنڌ جي ڳلي ڳلي، ننڍن شهرن ۽ ٻهراڙين تائين پنهنجا نمائندا مقرر ڪيا، جنهن سان مقامي مسئلا، قومي سطح تي اجاگر ٿيڻ لڳا. خبرن تائين عوامي پهچ ۾ تيزي اچڻ سان گڏ حقيقي خبرون رپورٽ ٿيڻ لڳيون. تجزياتي صحافت سان گڏ خبرن جي تيزي، صداقت ۽ اثرانگيزيءَ کي ترجيح ڏني وئي. ٻولي ۽ طرزِ نگارش ۾ جدت آندي وئي.

”ڪاوش“ ڏکين ۽ روايتي لفظن بدران اها عام فهم سنڌي ٻولي استعمال ڪئي، جنهن کي عام ماڻهو ۽ پڙهيل لکيل طبقو آسانيءَ سان سمجهي سگهي. جديد اصطلاحن خاص طور بين الاقوامي سياست، سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي اصطلاحن کي سادي سنڌي روپ ۾ پيش ڪرڻ جو نئون دؤر پڻ شروع ٿيو. اهڙي ريت، وقت گذرڻ سان ”ڪاوش“ اليڪٽرانڪ صحافت ڏانهن پيش رفت ڪئي. روزاني ڪاوش کان پوءِ ڪاوش ميڊيا گروپ پاران ٻيون اخبارون ۽ رسالا جيئن، ”شام، “ ڪوشش اخبار، ”سٽيزن، “ ”ڪاوش دنيا“ وغيره جاري ڪيا ويا.

سنڌي صحافت جي تاريخ جو سڀ کان وڏو موڙ ڪي ٽي اين (Kawish Television Network) جو قيام هو. اهو پهريون پرائيويٽ سنڌي سيٽلائيٽ چينل هو، جنهن سنڌي ٻوليءَ کي اليڪٽرانڪ ميڊيا جي گلوبل دنيا ۾ شامل ڪيو. اهڙيءَ ريت ڪاوش اخبار، مئگزين ۽ ڪي ٽي اين ٽي عوامي ۽ سياسي شعور، عوامي مسئلن جي نشاندهي: پيئڻ جي پاڻيءَ، تعليم، صحت ۽ ڳوٺاڻي ترقيءَ جي بنيادي مسئلن تي نمايان اسٽوريز ۽ خاص ايڊيشن شايع ڪري حڪومتي ايوانن تائين اهي پهچايا ويا. مختلف مڪتبه فڪر جي دانشورن ۽ تجزيانيگارن جا ڪالم ۽ تجزيا پڻ شايع ڪري سنڌ جي شعور کي جديد رخ ڏنو ويو.

مختصر لفظن ۾ ائين چئجي :

”روزاني ڪاوش“ سنڌي صحافت کي روايتي دور مان ڪڍي صنعتي ۽ جديد ٽيڪنالاجيءَ واري دور ۾ داخل ڪيو. سنڌي اليڪٽرانڪ ميڊيا لاءِ به هڪ وڏو بنياد فراهم ڪيو. ڪاوش جديد دور جي ڊجيٽل صحافت (انٽرنيٽ ۽ سوشل ميڊيا) ۾ به پنهنجو حصو تيزيءَ سان شامل ڪري رهي آهي. ”ڪاوش دنيا مئگزين“ روايتي پرنٽنگ مان نڪري ڊجيٽل ميڊيا فارم ۾ پڌرو ٿئي ٿو.

منهنجو ڪاوش ست ۾ گهڻو تعلق لکڻ جي حوالي سان ”ڪاوش دنيا مئگزين“ سان رهيو آهي ۽ پڙهڻ جي حوالي سان پوري ڪاوش اخبار سان. ڪاوش دنيا مئگزين جي ست سدائين سنواري سڌاري تحقيقي توڙي تخليقي مواد کي ڇپي پنهنجن پڙهندڙن تائين پهچايو آهي. اهو مواد منهنجن ڪيترن پڙهندڙن وٽ ڪٽنگ فائيلس جي صورت ۾ موجود آهي. منهنجي لاءِ انهيءَ ڏينهن نهايت خوشي جي خبر ٿي، جڏهن انور ابڙي ٻڌايو ته، تنهنجن نظمن کي سائين محمد ابراهيم جويي صاحب پسند ڪيو آهي. جويي صاحب، محسن جويي جي ذريعي منهنجي لاءِ اتساهه ڀريو موبائيل مسيج ڪرايو آهي. آئون ۽ منهنجا دوست ”ڪاوش دنيا مئگزين“ جو حصو رهيا آهيون. ٽرمان اسان جي علمي، ادبي ۽ ثقافتي سرگرمين کي ڪاوش اخبار سدائين مناسب جاءِ ڏئي اسان کي اڳيان وڌيڪ ڪم ڪرڻ جو اتساهه ڏنو آهي. ■

# ڀارت ۾ فاشزم جو رقص

الهه بخش راڻوڙ

ڀارت ۾ 2014 کان هيل تائين قائم هندوتوا سرڪارهاڻ جديد فاشزم جي شڪل اختيار وئي آهي، جنهن جي طاقت جو اظهار ملڪ جي اهم شهرن ۾ شاگردن جي احتجاج دوران سامهون آيو. مودي سرڪار جي طاقت جي استعمال سبب نوجوانن ۽ ڪاپي ڊر جي لکين شاگردن جي مزاحمتي تحريڪ سامهون اچي چڪي آهي. اها تحريڪ بلڪل اهڙي ئي آهي، جهڙي يورپ، آمريڪا ۽ برطانيا ۾ جنگ مخالف تحريڪ آهي، جنهن ٽرمپ کان وٺي سمورن هاڪس (Hawks) کي ڏينهن جا تارا ڏيکاري ڇڏيا آهن. ڀارتي دانشورن جوان ڳالهه تي اتفاق آهي ته مودي سرڪار هاڻ مڪمل طور فاشزم وارا هٿڪنڊا استعمال ڪري رهي آهي، پر ان جا حامي چون ٿا ته، ملڪ اندر جمهوريت ۽ جمهوري ادارا آهن، جيڪي صورتحال کي سلجهائي وٺندا.

مودي مخالفن جو چوڻ آهي ته، هٽلر ۽ مسوليني، جيڪي فاشزم جا مک پيل پاوا هئا، اهي به عوامي ووٽ ذريعي اقتدار ۾ آيا هئا ۽ پارليامينٽ ئي انهن کي چونڊيو هو، پر سموري دنيا ڏٺو ته ان فاشزم دنيا کي باهه ۾ اڇلائي ڇڏيو. انڪري ساڳئي صورتحال ڀارت جي به آهي.

ڀارت ۾ امتحاني پيپرن جي ليڪ ٿيڻ تي لکين شاگرد ميدان ۾ نڪتا ۽ ان جدوجهد هاڪاري نتيجا به ڏنا، پر جيئن ئي شاگرد احتجاج ختم ڪري گهرن ڏانهن روانا ٿيا ته انهن جي خلاف ڪريڪ ڊائون ڪيو ويو. احتجاج دوران به هزارين شاگردن کي جيلن ۾ بند ڪيو ويو، خاص ڪري اهي شاگرد جن کي هيٺيئن ذات وارو سمجهيو وڃي ٿو، انهن جي وڏي تذليل ڪئي وئي. مارڪسٽ شاگرد اڳواڻ نيها بورا، جنهن جو واسطو بهار رياست سان آهي، جتي ڪنهن زماني ۾ لالو پرساد ۽ رابڙي ديوي جي حڪومت هئي، اتي شاگردن مٿان گهڻا ظلم ڪيا ويا. نيها جي پريس ڪانفرنس ۾ ٻڌايو ته، بهار ۾ 800 جي لڳ ڀڳ شاگردن کي گرفتار ڪيو ويو آهي، حڪومت جي خاطرين جي باوجود انهن شاگردن جا ڪيس ختم نه پيا ڪيا وڃن، ۽ ڪيترائي شاگرد، جيڪي زخمي حالت ۾ هئا، انهن کي طبي سهولتون به فراهم ناهن ڪيون ويون.

مودي سرڪار کي پارليامينٽ ۾ مخالف ڌر جي احتجاج کي منهن به ڏيڻو پيو. ڪجهه ميمبرن ته اسپيڪر جي مداخلت تي سندس بي عزتي به ڪئي. اهو منظر مودي ۽ ان جا جوڙيوال ڏسندا رهجي ويا.


بقول نيها بورا جي هنن انتظاميا اڳيان احتجاج ڪيو ۽ اها ڌمڪي به ڏني ته تحريڪ ختم نه ٿي آهي، هو ٻيهر هڙتال جو سڏ ڏيندا، جنهن بعد 300 شاگردن کي آزاد ڪيو ويو. هاڻ آزادي جو اهو سلسلو پڄاڻي تي پهچڻ وارو آهي. ■



## اڄ جهوڪ ۾ آخري ڌمال آهي

# هارين جي حقن جو شهيد صوفي شاهه عنايت

ڊاڪٽر محمد اسماعيل ڪنير



سنڌ جي تاريخ ۾ ڪي نالا ڪتابن جي ورقن تائين محدود ناهن رهيا، پر زمانن جي ضمير ۾ زنده رهندا آيا آهن. صوفي شاهه عنايت الله شهيد به اهڙوئي هڪ روشن نالو آهي، جيڪو رڳو روحاني رهبر نه هو، پر پنهنجي دور جي استحصالي سماجي ۽ معاشي نظام خلاف عملي آواز پڻ هو. هن برابري، گڏيل محنت ۽ پورهيت جي حق کي سماجي انصاف سان ڳنڍيندي اهڙي تحريڪ شروع ڪئي، جنهن جا پڙاڏا اڄ به ٻڌڻ ۾ اچن ٿا.

صوفي شاهه عنايت 1655ع ڌاري ميرانپور، جيڪو پوءِ جهوڪ شريف جي نالي سان مشهور ٿيو، ۾ پيدا ٿيو. ننڍپڻ کان ئي علم ۽ انساني خدمت ڏانهن لاڙو هئس. روايتن موجب هن سنڌ کان ٻاهر سفر ڪري روحاني علم حاصل ڪيو ۽ قادري سلسلي سان وابسته ٿيو، پر سندس روحانيت دنيا کان فرار جو نالو نه هئي. هو ماڻهن جي وچ ۾ رهيو ۽ محسوس ڪيائين ته اها ڪهڙي ناانصافي آهي جو ٻج هاري وجهي، زمين کي پاڻي اهو ڏئي، فصل اهو سنڀالي ۽ پگهر اهو وهائي، پر پيداوار جو وڏو حصو ڪو ٻيو کڻي وڃي.

انهيءَ احساس مان سندس مشهور نعرو پيدا ٿيو: ”جيڪو ڪيڙي، سو کائي.“ اهي رڳو چار لفظ نه، پر جاگيرداري نظام لاءِ وڏو چئلينج هئا. صوفي شاهه عنايت جهوڪ شريف ۾ پنهنجي زمين ۽ خانقاهه کي گڏيل سماجي مرڪز بڻايو، جتي ماڻهن کي ذات، مال ۽ طبقي بدران انسان هجڻ جي حيثيت سان ڏٺو ويندو هو. هاري، مريد، فقير ۽ مرشد گڏجي ڪم ڪندا هئا. زمين گڏجي پوکي ويندي هئي ۽ پيداوار ۾ سڀني جو حق تسليم ڪيو ويندو هو. اهڙو نظام خاموش انقلاب کان گهٽ نه هو. ان طرح سندس پيغام بي زمين ماڻهن لاءِ اميد بڻيو ۽ ڪيترائي ماڻهو جهوڪ شريف ڏانهن اچڻ لڳا.

ان تحريڪ جي مقبوليت مقامي جاگيردارن، وڏيرن، مغل انتظاميا ۽ ڪجهه گادي نشينن لاءِ خطري جي گهنٽي بڻجي وئي. انهن کي ڊپ هو ته جيڪڏهن هاري پنهنجي محنت ۽ پيداوار جو حق گهرڻ لڳا ته سندن بالادستي ختم ٿي ويندي. صوفي شاهه عنايت خلاف سازشون شروع ٿيون ۽ دهلي جي مغل دربار تائين اها شڪايت پهچائي وئي ته جهوڪ ۾ الڳ حڪومت قائم ڪئي پئي وڃي. مغل بادشاهه فرخ سير جي حڪم تي مقامي حڪمرانن جي لشڪر جهوڪ جو گهيرو ڪيو. تاريخي ماخذن موجب گهيرو ڪيترن مهينن تائين جاري رهيو ۽ فقيرن محدود وسيلن سان مزاحمت ڪئي.

جهوڪ جي جنگ رڳو هٿيارن جي جنگ نه هئي؛ پر اها ٻن سوچن جي جنگ هئي. هڪ پاسي جاگير ۽ طبقاتي بالادستي هئي، ته ٻئي پاسي گڏيل محنت ۽ برابريءَ جو تصور هو. جڏهن لشڪر سڌي حملي سان فقيرن کي جهڪائي نه سگهيو، تڏهن صلح جو ڍيڪ ڏنو ويو. امن جي خاطري ڪرائي وئي، پر اها دوکي ۾ بدلجي وئي. شاهه عنايت وڌيڪ خونريزي روڪڻ لاءِ ڳالهين تي راضي ٿيو. کيس گرفتار ڪري ٺٽي آندو ويو ۽ 17 صفر 1130هه، مطابق جنوري 1718ع، ۾ شهيد ڪيو ويو. سندس ڪيترائي ساٿي پڻ قتل ڪيا ويا، جن جي ياد جهوڪ شريف جي ”گنج شهيدان“ سان اڄ تائين ڳنڍيل آهي.

شاهه عنايت جي جسم کي ته ختم ڪيو ويو، پر سندس خيال کنهن کان به ختم نه ٿي سگهيا ۽ ”جيڪو ڪيڙي سو کائي“ سنڌ جي هاريءَ، مزدور ۽ محروم انسان جي زبان بڻجي ويو. سندس شهادت سنڌ جي سماجي ۽ صوفي فڪر تي گهرو اثر ڇڏيو. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي سر رامڪليءَ ۾ فقيرن، قرباني ۽ دنياوي لالچ کان انڪار جا جيڪي رنگ ملن ٿا، تن کي ان دور جي ظلم خلاف اخلاقي احتجاج طور به پڙهيو وڃي ٿو. اڄ 2026ع ۾ دنيا مصنوعي ذهانت، ڊرون زراعت ۽ وڏن زرعي ڪاروبارن جي ڳالهه ڪري ٿي، پر بنيادي سوال ساڳيو آهي ته: زمين تي محنت ڪندڙ کي ڪيترو حق ملي ٿو؟ عالمي محنت واري اداري موجب دنيا ۾ لڳ ڀڳ هڪ ارب ماڻهو زراعت سان لاڳاپيل ڪم ڪن ٿا، جيڪي عالمي روزگار جو لڳ ڀڳ 28 سيڪڙو آهن. انهن مان ڪروڙين زرعي مزدورن کي گهٽ اجرت، غير محفوظ ڪم ۽ سماجي تحفظ جي کوٽ درپيش آهي.

تازن عالمي انگن اکرن مان زمين جي ورڇ ۾ وڏي اڻبرابري ظاهر ٿئي ٿي. گڏيل قومن جي خوراڪ ۽ زراعت واري اداري جي 2025ع واري جائزي موجب دنيا جي 579 ملين فارمن مان 85 سيڪڙو فارم ٻن هيڪٽرن کان ننڍا آهن، پر انهن وٽ عالمي زرعي زمين جو رڳو 9 سيڪڙو حصو آهي. ننڍن هارين جي زمين، پاڻي، قرض ۽ منڊي تائين رسائي محدود آهي. زمين جي تباهي، پاڻيءَ جي کوٽ ۽ آب و هوا جي تبديلي فصلن ۽ ڳوٺاڻين معيشتن کي وڌيڪ خطري ۾ وجهي رهي آهي. پاڪستان جي موجوده معاشي تصوير ۾ به زراعت جي اهميت وڏي آهي. پاڪستان اقتصادي سروي 2025–26 موجب زراعت ملڪ جي مجموعي قومي پيداوار ۾ 23.4 سيڪڙو حصو رکي ٿي ۽ 33.1 سيڪڙو روزگار هن شعبي سان وابسته آهي. مطلب ته هر ٽئين ڪم ڪندڙ ماڻهوءَ جي روزي ڳوٺاڻي معيشت سان ڳنڍيل آهي. سنڌ ۾ درياهه، واهن، زمين ۽ هاريءَ جو پراڻو رشتو آهي، پر اڄ به ڪيترن هارين وٽ زمين جي ملڪيت، مناسب اگهه، سستو ٻج، ڀاڻ، پاڻي، زرعي قرض ۽ منڊيءَ تائين سڌي پهچ محدود آهي.

شاهه عنايت جي فڪر کي اڄ لفظي نعري بدران عملي پاليسي بڻائڻ جي ضرورت آهي. ”جيڪو ڪيڙي سو کائي“ جو جديد مطلب اهو ٿي سگهي ٿو ته هاريءَ کي فصل جو انصاف ڀريو اگهه ملي، بٽائيءَ جو شفاف نظام هجي، هارياڻين کي قانوني سڃاڻپ ۽ ملڪيت جا حق ملن، زرعي مزدورن لاءِ گهٽ ۾ گهٽ اجرت ۽ سماجي تحفظ يقيني بڻايو وڃي، ننڍن هارين جون ڪوآپريٽو سوسائٽيون مضبوط ڪيون وڃن ۽ پاڻيءَ جي ورڇ ۾ هيٺين پڇڙي وارن آبادگارن سان انصاف ڪيو وڃي.

شاهه عنايت جي فڪر کي اڄ لفظي نعري بدران عملي پاليسي بڻائڻ جي ضرورت آهي. ”جيڪو ڪيڙي سو کائي“ جو جديد مطلب اهو ٿي سگهي ٿو ته هاريءَ کي فصل جو انصاف ڀريو اگهه ملي، بٽائيءَ جو شفاف نظام هجي، هارياڻين کي قانوني سڃاڻپ ۽ ملڪيت جا حق ملن، زرعي مزدورن لاءِ گهٽ ۾ گهٽ اجرت ۽ سماجي تحفظ يقيني بڻايو وڃي، ننڍن هارين جون ڪوآپريٽو سوسائٽيون مضبوط ڪيون وڃن ۽ پاڻيءَ جي ورڇ ۾ هيٺين پڇڙي وارن آبادگارن سان انصاف ڪيو وڃي.


گڏيل قومن 2018ع ۾ هارين ۽ ٻهراڙيءَ ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهن جي حقن بابت عالمي پڌرنامو منظور ڪيو هو، جنهن ۾ زمين، ٻج، پاڻي، روزگار، صحت، عزت ۽ فيصلا سازيءَ ۾ شموليت کي اهميت ڏني وئي هئي. اهو پڌرنامو شاهه عنايت جي ٽي سؤ سال پراڻي آواز جي جديد عالمي گونج آهي. 2030ع جا عالمي پائيدار ترقيءَ وارا هدف ويجهو اچي رهيا آهن، پر بک، غربت، اڻبرابري ۽ آب و هوا جي تبديليءَ خلاف جدوجهد کي هاريءَ کان ڌار نٿو ڪري سگهجي. زمين ٿورن هٿن ۾ گڏ ٿيندي، پاڻي طاقتور کڻي ويندا، منڊيءَ جو اگهه وچولو ماڻهو طئي ڪندو ۽ نقصان فقط هاري برداشت ڪندو ته خوراڪ جي سلامتي ممڪن نه ٿيندي. شاهه عنايت جو ماڊل ٻڌائي ٿو ته گڏيل وسيلا، گڏيل ذميواري ۽ منصفاڻي ورڇ سماجي امن ۽ پائيدار معيشت جون بنيادي شرطون آهن.

جهوڪ شريف اڄ رڳو درگاهه نه، پر سنڌ جي سماجي ضمير جو نشان آهي. گنج شهيدان ياد ڏياري ٿو ته حق جي راهه آسان نه هوندي آهي. صوفي شاهه عنايت جي زندگيءَ جو سبق اهو آهي ته روحانيت تڏهن مڪمل ٿئي ٿي، جڏهن اها بکئي جي ماني، هاريءَ جي حق، مزدور جي اجرت ۽ ڪمزور جي عزت سان ڳنڍجي. سندس پيغام نفرت يا انتقام جو نه، پر انصاف، گڏيل محنت ۽ انسان دوستيءَ جو پيغام هو.

سنڌ کي اڄ اهڙي فڪر جي ضرورت آهي، جيڪو زميندار ۽ هاري، شهر ۽ ڳوٺ، حڪومت ۽ عوام جي وچ ۾ نئون سماجي معاهدو پيدا ڪري. جديد زرعي سائنس، پاڻي بچائيندڙ ٽيڪنالاجي، موسمي تبديليءَ سان هم آهنگ ٻج، ڊجيٽل منڊيون ۽ زرعي قرض تڏهن فائدو ڏيندا، جڏهن انهن جو مرڪز ننڍو هاري هوندو.

صوفي شاهه عنايت جو نعرو اڄ به سوال ڪري ٿو: فصل تي پهريون حق ڪنهن جو آهي؟ تاريخ جو جواب صاف آهي—ان جو، جيڪو زمين کي جيئرو رکي، ٻج وجهي، پگهر وهائي ۽ سماج لاءِ اناج پيدا ڪري ٿو. انهيءَ ڪري ”جيڪو ڪيڙي سو کائي“ سنڌ جي ماضيءَ جو رڳو نعرو نه، پر مستقبل لاءِ انصاف جو زنده منشور آهي.

صوفي شاهه عنايت شهيد جي عرس جون روحاني ۽ ثقافتي تقريبون هر سال 17 صفر کان جهوڪ شريف ۾ شروع ٿينديون آهن. عرس جي موقعي تي سنڌ سميت ملڪ جي مختلف علائقن مان هزارين عقيدتمند، صوفي فڪر جا طالب، اديب، شاعر، دانشور، هاري، پورهيت ۽ عام ماڻهو جهوڪ شريف پهچندا آهن. اڄ سندس عرس جي آخري ڌمال آهي ۽ سندس آواز اڄ به وقت جي ديوارن سان ٽڪرائي چوي ٿو ته زمين، پاڻي، محنت ۽ پيداوار تي پهريون حق ان انسان جو آهي، جيڪو پنهنجي هٿن سان ڌرتيءَ کي آباد ڪري ٿو. سندس نعرو سنڌ جي ماضيءَ جي ياد ئي نه، پر هڪ منصفاڻي، برابر ۽ خوشحال مستقبل جي راهه پڻ آهي. ■



## هن شاهه جي رسالي ۾ اٽڪل 6000 بيت ۽ 300 وايون شامل آهن.

# باگوجي وارو ’شاهه جو رسالو‘، جنهن ۾ 43 سُر آهن

خليق الرحمان ڪيريو




سنڌي ادب جي تاريخ ۾ شاهه جي رسالي جي ترتيب، تدوين ۽ اشاعت هميشه هڪ اهم ۽ بنيادي تحقيقي موضوع رهيو آهي. صدين کان وٺي فڪرِ لطيف جي ان عظيم ورثي کي محفوظ ڪرڻ ۽ عام ماڻهن تائين پهچائڻ لاءِ مختلف دورن ۾ انفرادي توڙي اجتماعي سطح تي بيشمار علمي ڪوششون ڪيون ويون آهن. انهن تاريخي ڪوششن جي تسلسل ۾ جولاءِ 2000ع ۾، ضلعي گھوٽڪيءَ جي تعلقي ميرپورماٿيلو جي تاريخي ڳوٺ ”درويش نائچ“ جي رهواسي ڏانوجي خاندان پاران شاهه جي رسالي جي اشاعت سنڌ جي علمي ۽ تحقيقي روايت ۾ هڪ اهم ۽ اتساهيندڙ باب جو واڌارو ڪيو آهي. شاهه جي رسالي جي ڪيترن ئي ڇاپي رسالن مان ”باگوجي وارو شاهه جو رسالو“ پنهنجي نوعيت جو هڪ منفرد، ضخيم ۽ تاريخي نسخو آهي، جنهن جو هتي مختصر جائزو پيش ڪجي ٿو.

هن تحقيقي نسخي جو اصل بنياد ۽ روحاني محرڪ سرڳواسي ڏانوجي ولد هيروجي جي شخصيت آهي، جيڪو هڪ بااصول، سچو انسان ۽ پنهنجي برادريءَ جو پربو مڙس هو. ان ڏس ۾ جڏهن مون ڏانوجي خاندان جو تاريخي ۽ علمي پسمنظر ڳولڻ لاءِ استاد باگوجي جي پائٽي گورڌن راٺوڙ سان رابطو ڪيو ته ان ذريعي علمي خاندان جا ڪيترائي رخ سامهون آيا. گورڌن راٺوڙ پاڻ به ان علمي ۽ ملوڪ خاندان جو هڪ روشن چراغ آهي، جنهن کي پنهنجي وڏڙن کان فڪرِ لطيف ورثي ۾ مليو آهي، ان ڪري پاڻ رهبر لطيف جي فڪر کي اڳتي وڌائڻ جي لاءِ نهايت سرگرم رهي ٿو.

پنهنجي خانداني پسمنظر تي روشني وجهندي گورڌن راٺوڙ ٻڌايو ته، ”ڏاڏا ڏانوجي وارا پاڻ ۾ چار ڀائر هئا. سيني کان وڏو ڀاءُ ڇتوجي، انگريز دور جي حڪومت ۾ پڙهي تپيدار ٿيو. جڏهن ته سومارجي، زميندار هو. رتن لال هڪ واپاري ۽ ڪاروباري شخصيت هو. ڏانوجي پاڻ هارپو ۽ مال متاع جي سار سنڀال ڪندو هو. پاڻ ست درجا فائنل پڙهيل هو ۽ ڪتابن جو بيحد شوقين هو. سندس سڄي زندگي فڪرِ لطيف جي سچي عشق ۾ رڱيل هئي ۽ هميشه شاهه جي رسالي جو مطالعو ڪندو رهندو هو. ڏانوجي جي وفات جي لاءِ رسالي جي مهاڳ ۾ لکيل آهي ته: پاڻ 1994ع ڌاري اٽڪل 80 ورهين جي ڄمار ۾ وفات ڪيائين. ڪيس ڇهن پٽن جو اولاد ٿيو، جن ۾ سندس وڏو پٽ بانڪوجي جوانيءَ ۾ وفات ڪري ويو. ماڻڪ رام تعليم کاتي ۾ استاد طور، چيتن داس ڪمپيوٽر ٽائپنگ ۽ شارٽ هينڊ جو ماهر انسٽرڪٽر بڻيو. سڄڻ جي، ايريگيشن کاتي مان، سينيوجي تعليم کاتي مان ۽ باگوجي پڻ تعليم کاتي مان بطور پرائمري هيڊ ماسٽر طور خدمتون سرانجام ڏئي رٽائر ٿيو.

ڏانوجي جي آخري ڏينهن ۾ اها وصيت هئي ته لطيف سائينءَ جو هڪ مڪمل رسالو شايع ڪرايو وڃي ته جيئن، عام ماڻهو ان مان فيضياب ٿي سگهن. اها وصيت رسالي جي اندر پهرئين صفحي تي پڻ لکيل آهي. استاد باگوجي پنهنجي والد جي علمي خواب ۽ وصيت کي سچو ڪرڻ لاءِ پوري تحقيق ۽ مالي قربانيءَ سان سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان رسالي جا سر، بيت ۽ وايون گڏ ڪري هي عظيم شاهه جو رسالو ڇپرائي پنهنجي والدين کي ارپيو.




**استاد باگوجي وارو شاهه جو رسالو 43 سرن تي مشتمل آهي. عام طور تي شايع ٿيل شاهه جي رسالي جي معياري نسخن ۾ سرن جو تعداد 30 کان 37 جي لڳ ڀڳ رهيو آهي، پر استاد باگوجي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان مواد ۽ اضافي بيتن کي سهيڙيو. هن کي سيد پير شاهه عرف سيد وزير علي شاهه وٽان هڪ تاريخي قلمي نسخو پڻ مليو، جيڪو پڻ استاد باگوجي اڳ ۾ گڏ ڪيل مواد سان پيٽي، نئون مواد تيار ڪيو.**

استاد باگوجي واري رسالي جي سڀ کان تحقيقي خوبي ان ۾ موجود سرن جو تعداد آهي، جيڪو ٻين نسخن جي برعڪس 43 سرن تي مشتمل آهي. عام طور تي شايع ٿيل شاهه جي رسالي جي معياري نسخن ۾ سرن جو تعداد 30 کان 37 جي لڳ ڀڳ رهيو آهي، پر استاد باگوجي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان مواد ۽ اضافي بيتن کي سهيڙڻ لاءِ وسيع تحقيقي سفر ڪيو. سندس ان تحقيقي ڪم جو سڀ کان اهم موڙ اهو آهي، جڏهن ڪيس سيد پير شاهه عرف سيد وزير علي شاهه وٽان هڪ تاريخي قلمي نسخو مليو. اهو قلمي نسخو پير صاحب، پٽ شاهه جي اصلي ”شاهه جو گنج“ رسالي تان پنهنجي هٿن سان اتارو ڪري محفوظ ڪيو هو. استاد باگوجي ان قلمي نسخي ۽ ان کان اڳ گڏ ڪيل مواد کي پيٽي، نئون مواد تيار ڪيو. ان تحقيقي عمل جي نتيجي ۾ هن رسالي ۾ 43 سر شامل ڪيا ويا، جيڪو لطيفيات جي ميدان ۾ منفرد ۽ وڏو انگ آهن. رسالي جو پهريون سر، سُر ڪلياڻ ۽ آخري سر، سُر مت آهي. سر مت عام طور شاهه جي رسالن ۾ سر ڪاپائتي جو حصو هوندو آهي، پر هن رسالي ۾ الڳ سر آهي. 1133 صفحن تي مشتمل، ڊيمي سائز جو هي ضخيم رسالو سن 2000ع ۾ باگوجي ڏانوجي پبليڪيشن ميرپورماٿيلي ڇپائي پڌرو ڪيو.

ان جي شروعاتي صفحن تي شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو شجرو ڏنل آهي. ان کانپوءِ رسالي جو ڪلام ۽ آخر ۾ ڏکين لفظن جي معنيٰ جي پٽي ڏني وئي آهي. رسالي جو مهاڳ الحاج محمد عيدن ناز ميراڻي لکيو، جڏهن ته ٻه اکر لکندڙن ۾ پروفيسر محمد اسماعيل سومرو ۽ سيد مرشد گيلاني شامل آهن. رسالي جو هڪ اهم روشن پهلو ان جو غير تجارتي هجڻ آهي. انتساب واري صفحي جي متن مان ظاهر آهي ته هن رسالي جي قيمت تمام گهٽ (250 رپيا) رکي وئي آهي، ته جيئن سنڌ جو غريب کان غريب، علم دوست ۽ لطيف سائينءَ جو عقيدتمند توڙي رسالي جو پارکو ان نسخي مان روحاني ۽ علمي فيض ماڻي سگهي. ان مان ثابت ٿئي ٿو ته هي ڪم پنهنجي جوهر ۾ خالص علمي ۽ انساني خدمت لاءِ هو. رسالي ۾ اٽڪل 6000 بيت ۽ 300 وايون شامل آهن.

هن وقت سڀ کان وڏو علمي ۽ تحقيقي الميو اهو آهي ته 43 سرن تي مشتمل هي منفرد ۽ ضخيم ”شاهه جو رسالو“ مارڪيٽ ۾ اڻلڀ آهي، جنهن ڪري لطيفي راهه جي پانڌيئڙن، محققن ۽ پارکن وٽ هن رسالي جي حاصلات لاءِ تمام گهڻي تڙپ رهي ٿي، جنهن کي ختم ڪرڻ لاءِ اسان سنڌ حڪومت جي ثقافت کاتي، سنڌي ادبي بورڊ ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي يونيورسٽيءَ جي اختيارين کي گهرجي ته انهن مان ڪو هڪ ادارو، هن تاريخي نسخي کي نئين سر شايع ڪرائي سستو ۽ عام ڪري. ان سان گڏ جديد دور جي تقاضائن کي نظر ۾ رکندي ڀٽائي پيڊيا، سنڌ سلامت ڊجيٽل نيٽورڪ ۽ ايم. ايڇ. پنهور لائبريريءَ جي انتظاميه کي پڻ گهرجي ته هن رسالي کي اسڪين ڪري پي ڊي ايف يا اِي بڪ جي صورت ۾ پنهنجين ويب سائيٽس تي رکن ته جيئن سڄي دنيا ۾ ويٺل شاهه جا پڙهندڙ هن اڻلڀ تحقيقي موتيءَ مان ڀرپور فائدو حاصل ڪري سگهن. ■

## هن رسالي ۾ شامل 43 سرن جي فهرست

سر ڪلياڻ، سر يمن ڪلياڻ، سر ڪنيات، سر سراڳ، سر ساموندي، سر سهڻي، سر سارنگ، سر سسئي، سر معذوري، سر ديسي، سر ڪوهياري، سر حسيني، سر سورٺ، سر ڪيڏارو، سر بردو سنڌي، سر مومل راڻو، سر ڪاهوڙي، سر رامڪلي، سر رپ، سر ليلاچنيسر، سر بلاول، سر ڍهر، سر ڪاپائتي، سر پرڀاتي، سر گهاتو، سر آسا، سر مارئي، سر پورب، سر ڪاموڏ، سر ڪارايل، سر بسنت بهار، سر ٽيهه اکري، سر ڊول مارئي، سر سينهن ڪيڏارو، سر بيراڳ هندي (ابيات مثنوي)، سر بلوچي، سر ڌناسري، سر وهاڳڙو، سر هير رانجهو، سر سيراج، سر ڪانرو، سر ڪنوري ۽ سر مت.

# Odysseyيا آديسي ؟

شيخ مونس اياز



لفظ ”آديسي“ سنڌ جي تصوف جي شاعريءِ ۾ گهڻو ملي ٿو، خاص ڪري شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ جيئن چيو اٿائون:

”اڄ نہ اوطاقن ۾ طالب تنوارين،
آديسي اٿي ويا، مڙهيون مون مارين،
جي جيءَ کي جيارين، سي لاهوتي لڏي ويا.“ (سر بلاول)
يا
مُونا طُورُ سِيناءَ سَندا سَناسِيَن،
طالِبُ المولىٰ مُذَڪِرُ، اِيءُ ڪَلامُ ڪِئائُون ڪَنِ،
سُڪَنِ ڪي سَيَين پَريين، ٻُجهِي ڏِنائُون ٻَنِ،
اَلِفَ آدِيسِيَنِ، چوري رَکِئو چِتَ ۾. (سر رامڪلي)

”آديسي“ جي لفظي معنيٰ اها آهي تہ، ”جنهن جو ڪو ديس نہ هجي.“ انهن اسرار پسند جوڳين جو هڪ پاڙو بہ ٻڌايو وڃي ٿو. سنسڪرت، هندي ۽ انگريزي ڊڪشنري جو لکندڙ؛ ڊبليو پليٽس (W. Platts -) 1914لفظ ”آديسي“ کي، سنسڪرت جو لفظ لکي ٿو، جنهن جي معنيٰ اهڙو ماڻهو، جنهن جو ڪنهن بہ ديس، انساني، مادي ۽ روحاني رشتي سان تعلق يا واسطو ناهي ۽ هو شايد سچ جو ڳولائو يا پارکو آهي _ ۽ مسلسل سفر ۾ رهندڙ آهي. اهو برصغير هندو_پاڪ جي صوبي پنجاب (جيڪو سنڌو ماتر جي سپيتا ڏي اشارو سمجهجي) ۾ هڪ فرقي جو نالو لکي ٿو. جڏهن تہ انگريزي آڪسفورڊ ڊڪشنري ۾ يوناني ٻوليءَ ۾ اهڙو اصل لفظ ”udessia“ ڏنل آهي، جنهن مان نالو Odeseus نڪتل آهي، معنيٰ، چڙ، ڏک، پيڙا ۽ سفر.

**گذريل هفتي سڄي دنيا ۾ ڌوم مچائيندڙ فلم Odysseyآئي آهي، جيڪا 2800 قبل مسيح سال اڳ لکيل يوناني شاعر هومر جي ڪردار ”آديسين“ نالي بادشاهه تي ٺهيل آهي. ان جنگجو جي مهم ۽ پنهنجي گهر، رياستي ٻيٽ ڏانهن ويندي پلجي وڃڻ ۽ پوءِ ڏکين ڏهن سالن جي ڏگهي سفر کي بيان ڪري ٿي. هومر جي، پنهنجي پڇاڙيءَ واري عمر ۾ ”آديسي“ لکڻ جي پهرين شاهدي، جڳ مشهور يوناني فلسفي ارسطو ۽ تاريخدان هيروڊوٽس، چار سئو سال ق.م ، ڏاري پنهنجي لکڻين ۾ ڏين ٿا.**



ان مان لفظ ”Odyssey“ ٺهيو، جنهن جي معنيٰ وري ڏگهوءِ ڏکيو سفر آهي.

ياد رهي تہ تاريخي طور تي سنڌو ماٿريءَ تي يوناني سڪندر اعظم 332 قبل مسيح ۾ ڪاهي آيو هيو ۽ سندس پوئنير لاڳيتو ڪي صديون هن ٽڪريءَ تي قابض رهندا آيا. جڏهن تہ ان کان سئو سال اڳ ۾ سنڌ ۾ پارسي شهنشاهيت آقامنشيءَ جو راڄ هيو، جنهن جون ان وقت يونان سان جنگيون ۽ واسطا پڻ هئا. ان کان سواءِ سنڌو ماتر تهذيب ۾ 600 قبل مسيح ڌاري sophistقسم جا ”آچار واڪا/لوڪ آتا“ فلسفي ڏاڙا پيدا ٿي چڪا هئا. يونانين وٽ اولهہ جي تهذيب جو بنياد وجهندڙ شاعريءَ ۾ پهريون جنگنامو ”الياڊ“ (Illiad)۽ آڊيسي (Odyssey)آهن، جنهن جو تخليقڪار 800 قبل مسيح ۾، هومر (Homer)نالي يوناني شاعر هيو، جنهن اهڙي جنگنامي جي پهرئين حصي ”الياڊ“ (معنيٰ سج واري ڌرتي، يوناني سورج ديوتا ”هيلاس“ پنيان) ۾ ڪن ٻيٽن جي يوناني رياستن جو گڏجي هڪ ٻي رياست ٽراءِ (Troy)، جيڪا هاڻي ترڪيہ ۾ آهي، تي ست سئو سال قبل مسيح ۾ ڏهہ سال اڳي ۽ ان جو فاتح هڪ يوناني ٻيٽ ”آئيٿيڪا“ (Ithaca)جو بادشاهہ ”اديسيس“ (Odeseus)هيو، جنهن جي پنهنجي گهر آئيٿيڪا جي ٻيٽ ڏي واپسيءَ ۾ ڏهن ٻين سالن جو هڪ مهم جوئي وارو ڏکوئيندڙ سفر ڪرڻ جي قصي تي ”آڊيسي“ (Odyssey)نالي پڻ هڪ ڊگهي شاعري ٺيل آهي، جنهن کي اڳتي هلي لاطيني ٻوليءَ ۾ ”يولائسس“ (Ulyses)سڏيو ويو ۽ ان نالي سان ادب سرجيو ويو آهي.

سو سنسڪرتي/سنڌي ۾ لفظ ”آديسي“ ۽ يوناني ”آڊيسي“ (Odyssey)جهڙا لفظ پنهنجي معنيٰ ۽ اُچار ۾ هڪ جهڙا لڳن ٿا. دلچسپ ڳالهہ اها آهي تہ، برصغير، هندو_پاڪ جو قديمي سمرتي ۽ اتهاس ۽ تاريخي ڪتابَن ”مها ڀارت“ ۽ ”رامائڻ“ جا قصا 800 _ 500 قبل مسيح ۽ ڪردار بہ الياد ۽ اڊيسي سان ملن ٿا. تاريخي ۽ تحقيقي اعتبار سان يوناني آديسي (800_700 قبل مسيح) برصغير هندو_پاڪ جي مٿي ڄاڻايل ڪتابن کان ڪافي اڳاٽي سمجهي وڃي ٿي.

گذريل هفتي سڄي دنيا ۾ ڌوم مچائيندڙ فلم Odysseyآئي آهي، جيڪا 2800 قبل مسيح سال اڳ لکيل يوناني شاعر هومر جي ڪردار ”آديسين“ نالي بادشاهه تي ٺهيل آهي. ان جنگجو جي مهم ۽ پنهنجي گهر، رياستي ٻيٽ ڏانهن ويندي پلجي وڃڻ ۽ پوءِ ڏکين ڏهن سالن جي ڏگهي سفر کي بيان ڪري ٿي. هومر جي، پنهنجي پڇاڙيءَ واري عمر ۾ ”آڊيسي“ لکڻ جي پهرين شاهدي، جڳ مشهور يوناني فلسفي ارسطو ۽ تاريخدان هيروڊوٽس، چار سئو سال ق.م ، ڏاري پنهنجي لکڻين ۾ ڏين ٿا.

”اي راڳي شاعر، مونکي ان سياڻي، چالاڪ ماڻهوءَ لاءِ ڪجهہ ٻڌاءِ، جنهن کي ٽراءِ جي معتبر مقام کي فتح ۽ برباد ڪرڻ جي ڪري، واپس پنهجي گهر ورڻ لاءِ هڪ ڏگهو ۽ ڏکيو سفر نصيب ٿيو.“

انهن سٽن سان شاعر هومر، آڊيسي جي جنگنامي جي، نثري نظم سان شروعات ڪري ٿو... پوءِ بادشاهہ ”اديسي،“ جيڪو اصل ۾ 1100 قبل مسيح ۾ لڳل ٽراءِ جي جنگ (Trojan War)جو سورهيہ ۽ فاتح سمجهيو وڃي ٿو، جنهن جنگ جي ڏهين سال پڇاڙيءَ ۾ هڪ وڏو ڪاٺ جو گهوڙو تيار ڪرايو، جنهن ۾ چون ٿا تہ پنجاهہ_سئو ڪن ماڻهو اندر لڪي ويٺا ۽ ٽراءِ جي ماڻهن کي هڪ سوکڙي ڪري ٽراءِ جي سامونڊي ڪپ تي ڇڏي ويا ۽ پنهنجي باقي ڪاهي آيل لشڪر کي پاسي ۾ لڪائي ويهاريائون تہ، جيئن ٽراءِ جا ماڻهو ان ڪاٺ جي گهوڙي کي اندر قلعي واري شهر ۾ ڪڍي وڃن. هو جڏهن ان کي ڪڍي وڃن ٿا رات جو ان ۾ لڪيل ويڙهاڪ نڪرن ٿا ۽ ٽراءِ جي قلعي جو در کولين ٿا، تہ جيئن ٻاهر لڪي ويٺل سندن ويڙهاڪ ساٿي اندر داخل ٿين ۽ هنن سان گڏجي وڃن. اهڙي نموني انهن چالاڪيءَ سان ٽراءِ شهر فتح ڪيو هو.





تنهن کانپوءِ آديسي پنهنجي بادشاهي واريءَ ٻيٽ آئيٿيڪا ڏي، پنهنجي انتظار ڪندڙ زال ۽ پٽ ڏي ورڻ لاءِ پنهنجي ساٿين سان گڏ ٻيڙا ڪٽي نڪري ٿو، پر هو پنهنجي گهر جو رستو سامونڊي طوفانن جي ڪري ڀُلجي وڃي ٿو ۽ وڃي ٻين ٻيٽن تي نڪري ٿو. ان کي هو پنهنجي ديوتائن جو ڏمر سمجهي ٿو، جن جي قاعدي قانون جي هن شايد ڀڃڪڙي ڪئي هئي. جيئن سندس ڏندڪٿائي زيوس (Zeus)مها ديوتا جو قانون هيو تہ، ”اجنبي يا مهمان ماڻهن جو هردم خاص خيال ڪيو،“ پر ٽراءِ واري جنگ ۾ هنن بيجا قتل عام ڪيو، جنهن جي اها سزا ، ڏمر وغيره هن سمجهيو.

يا جيئن هيءُ پهريان هڪ اک واري ديو ”سائڪلوپس“ (Cyclops)جي ٻيٽ تي سندس غار ۾ ساٿين سميت ڦاسي ٿو پوي ۽ پوءِ چالاڪي ڪري ان جي هڪ اک ۾ تيرهٽي ان جي پاليل رڍن مان لڪي، ساٿين سوڌو اتان ڀڄي ٿو نڪري. اهو ديو سمنڊ جي ڏندڪٿائي ديوتا ”پوسائڊن“ (poseidon)جو ڪو پٽ هيو، جنهن جي دانهن تي سندس پيءُ آديسي جي ٻيڙي کي سخت طوفانن ۾ ڦاسائي ان کي رستو ڀلائي ٿو ڇڏي.

اتان هو هڪ ڏندڪٿائي خوبصورت عورتن ”سِرينِس“ (Sirens)، جيڪي اتان لنگهندڙ سامونڊي ٻيڙن کي ڏسي، اهڙو دل لڀائيندڙ گيت ڳائيندي آهن، جيڪو سوار ماڻهو ٻڌي سمنڊ ۾ ٽپا ڏئي، انهن جي جار ۾ ڦاسندا آهن. آديسي پنهنجي ساٿين جي ڪَنن ۾ ڪپهہ وجهي ٿو ڇڏي ۽ پاڻ کي ٻيڙي جي سڙهہ جي ٿنڀي سان مٿي ٻڌرائي ٿو ڇڏي، جيئن هو انهن سرينس جا آواز ٻڌي ڪنهن لالچ ۾ نہ اچي وڃي ۽ آوازن جو راز بہ ٻڌي. هو ٻيٽ ٽپي ٻن ڏندڪٿائي بلائن جي وچ مان پنهنجو ٻيڙو ٽپائي ٿو وڃي.

اجان اڳتي ٻيٽن تان وڏن ديو قامت ماڻهن مان بچي نڪري ٿو ۽ بدروحن جي هڪ ٻيٽ تي ٽراءِ جي جنگ ۾ مئل پنهنجي ساٿين جا ڏوراپا ۽ مهڻا ٻڌي ٿو، تنهن کان پوءِ هڪ ٻئي ٻيٽ تي پهچي ٿو، جتي هڪ ڏندڪٿائي جادوگرياڻي ”سَرسِي“ (Circe)سندس ساٿين کي سوئر جي شڪل ۾ تبديل ٿي ڪري ڇڏي، جو ڪيس جنگجو ماڻهو ظالم لڳن ٿا. هوءَ آديسي سان ائين نہ ٿي ڪري جو هن جي ايلاز منٿ ۽ سمجهاڻي کانپوءِ هوءَ ڪيس معاف ڪري ٿي. اهڙيءَ ريت پڇاڙيءَ ۾ هو ڪيلپسو (Calypso)نالي ٻيٽ تي هڪ ڏندڪٿائي پاڻيءَ جي ”دوشيزه“ (nymph)جي ور چڙهي ٿو وڃي، جيڪا ڪيس آفيم (lotus)جا گل کارائي، سندس يادداشت ختم ڪري ٿي ڇڏي. ان بعد هن کي پاڻ وٽ ست سال رهائي ٿي ڇڏي ۽ آخرڪار آديسي جي، پنهنجي گهر ٻار جي سڪ ۽ محبت جي ڪري هوءَ ڪيس آزاد ڪري ٿي، جتان هو هڪ فشيخہ (phacea)نالي ٻيٽ ۽ قبيلي وٽ پهچي ٿو، جنهن جي شهزادي پڻ هن جي پنهنجي گهر ٻار جي ياد جي ڪري ڪيس پنهنجي ٻيٽ آئيٿيڪا پهچائي ٿي ۽ زيوس ديوتا جي مهمان نوازيءَ واري قانون تي پوري لهي ٿي. دلچسپ ڳالهہ تہ فشيخہ جو ذڪر فلم ۾ ناهي ڏنل.

آخرڪار آڊيسيس ويهن سالن کانپوءِ پنهنجي ٻيٽ تي هڪ فقير جي روپ ۾ پهچڻ سان پهريان پنهنجي پٽ ۽ ڪتي سان ملي ٿو، جيڪي ڪيس سڃاڻي وٺن ٿا، پر هو پنهنجي پٽ کي منع ٿو ڪري تہ هو هن جي انتظار ڪندڙ زال پينيلوپ (penilope)کي في الحال نہ ٻڌائي ۽ اُن جي نئين شادي ڪرائڻ جو پڙهو ڏياري ٿو، جيڪو ٻڌي خواهشمند ماڻهو ان جي محل ۾ اچن ٿا. اديسيس پوءِ زال کان سندس ذاتي ڇڏي ويل تير ڪمان سان نشانو وٺڻ لاءِ چوي ٿو، جيڪو ڇڙو پڇاڙي ۾ فقير جي ٻهروپ ۾ آديسي پاڻ ئي پورو تير نشاني تي هڻي، پنهنجي راڻي زال کي واپس هٿ ڪري ٿو.

آديسي هڪ شاندار فلم ثابت ٿي آهي، جيڪا 28 سئو سال ق.م کانپوءِ بادشاهہ آڊيسيس (Odeseus)جي نالي ”آڊيسي“ (Odyssey) تي، شاعري تي ٺهي آهي، جنهن نہ فقط هن اوائلي سياڻي، چالاڪ ۽ بهادر ڪردار کي جيئرو جاڳندو ڪري پيش ڪيو آهي، پر سڄي دنيا ۾ مغربي تهذيب جي پهرئين ادب ۽ بنيادي ڪردارن ۾ دلچسپي پڻ پيدا ڪئي آهي. ٻئي طرف ان فلم کي اديبن ۽ محققن سخت تنقيد جو نشانو بڻايو آهي، خاص ڪري آمريڪا جي پينسلوانيا يونيورسٽي جي ڪلاسيڪل اسٽڊيز جي پروفيسر ايملي ولسن (Emily Wilson)، جنهن آڊيسي جو 2017 ۾ انگريزي ۾ ترجمو ڪيو هو ۽ جيڪو ترجمو ان فلم لاءِ پڻ ڪتب آندو ويو آهي، تنهن ان فلم ۾ آديسي جي قصي کي انتهائي خراب ڪري پيش ڪرڻ جو اظهار ڪيو آهي، جو هڪ تہ آديسي کي پوري ۽ شاعري وارو ڪردار ۽ ثقافتي، اخلاقي ۽ سياسي قصو ڪري ناهي پيش ڪيو ويو، پر فلمساز پنهنجي جديد ثقافتي ۽ انساني دنيا ۾ مروج سوچ سان ان اوائلي قصي کي پيش ڪيو آهي تہ، ”هر ماڻهو (ويڙهاڪ) کي آخرڪار پنهنجي گهر پهچڻو آهي.“

پر، سنڌ جو ”آديسي“ جو ڪو ديس ناهي ۽ هو سڄي ڄمار ديس بديس سدائين سفر ۾ رهندو آهي. ■

# شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ زراعت

مصطفيٰ نانگراج



شاهه عبداللطيف ڀٽائي سنڌ جو رڳو عظيم شاعر ۽ صوفي مفڪر نه، پر سنڌ جي زمينن، پاڻيءَ، درياءَ، سمنڊ، موسمن، فصلن، چراگاهن، هارين، مالوندن، مهاڻن ۽ پورهيت عورتن جو نهايت باريڪ بين مشاهدو ڪندڙ شاعر پڻ آهي. سندس شاعريءَ ۾ سنڌ جي فطرت ۽ سماج الڳ الڳ حقيقتون نه آهن: زمين، پاڻي، ٻوٽا، جانور ۽ انسان هڪ گڏيل حياتياتي ۽ معاشي نظام جا حصا آهن. ان ڪري شاهه جو رسالو روحاني وارداتن سان گڏ سنڌ جي زرعي تهذيب، روزگار جي ذريعن، خوراڪي نظام، سماجي درجابنديءَ ۽ سياسي حالتن کي سمجهڻ لاءِ به اهم ماخذ بڻجي ٿو (Sorley, 1940; Syed, 1988).

ارڙهين صديءَ جي سنڌ ۾ ماڻهن جي وڏي اڪثريت جو گذر سفر زراعت، مالداري، درياهي واپار، مڇي مارڻ ۽ هٿ جي هنرن تي هو. آبپاشيءَ وارا علائقا سنڌو درياهه ۽ ان جي وهڪرن تي ڀاڙيندا هئا، جڏهن ته ٿر، ڪاڇي، ناري ۽ ڪوهستان جا ڪيترائي علائقا مينهن جي پاڻيءَ ۽ قدرتي چراگاهن سان جڙيل هئا. اهڙي ماحول ۾ مندائتا مينهن زندگيءَ، رزق ۽ سڪار جي علامت هئا، جڏهن ته مينهن جي کوٽ ڏڪار، مهانگائيءَ، انساني بيمارين ، جانورن جي نقصان ۽ لڏپلاڻ جو سبب بڻبي هئي. شاهه لطيف انهن حقيقتن کي علامتن، لوڪ ڪردارن ۽ موسيقيءَ سان اهڙي طرح پيش ڪيو، جو سندس شاعري زرعي سماج جي اندروني احساسن جو آئينو بڻجي وئي.

### شاهه لطيف جي دور جو تاريخي ۽ سياسي ماحول

شاهه عبداللطيف ڀٽائي تقريباً 1689ع/1690ع ۾ ڄائو ۽ 1752ع ۾ وفات ڪيائين. سندس حياتي 17هين صديءَ جي آخري حصي ۽ 18هين صديءَ جي پهرين اڌ تي پکڙيل هئي. هي نندي کنڊ ۾ مغل سلطنت جي ڪمزوري، تخت جي جنگين، علائقائي حڪمرانين جي اڀار ۽ معاشي بي يقينيءَ جو دور هو. اورنگزيب جي 1707ع ۾ وفات کان پوءِ مرڪزي اقتدار ڪمزور ٿيو ۽ صوبن ۾ مقامي قوتن جي اثر ۾ واڌ آئي. سنڌ ۾ به مغل صوبائي انتظام سان گڏ ڪلهوڙا طاقت وڌندي وئي، جنهن آخرڪار سنڌ جي وڏي حصي تي سياسي اختيار قائم ڪيو.

ڪلهوڙا حڪمران هڪ طرف سنڌ کي مقامي حڪمرانيءَ ڏانهن وٺي آيا، ته ٻئي طرف سندن اقتدار زميندارن، قبيلائي سردارن، پيرن ۽ حڪومتي لشڪري قوتن جي سهڪار سان قائم هو. زرعي پيداوار مان ڍل ۽ ٻيا محصول وصول ڪرڻ رياستي آمدنيءَ جو وڏو ذريعو هئا. ان نظام ۾ زمين تي ڪم ڪندڙ هاريءَ جي حيثيت ڪمزور هئي، ڇاڪاڻ ته پيداوار تي سندس مڪمل اختيار نه هو. قدرتي آفت، پاڻيءَ جي کوٽ يا جنگ جي صورت ۾ به ڍل ۽ مقامي ذميوارين جو بار گهڻو ڪري هاري ۽ ڳوٺاڻو طبقو برداشت ڪندو هو.

1739ع ۾ نادر شاهه جي هندستان ۽ سنڌ ڏانهن پيش قدميءَ سڄي خطي ۾ خوف، ڦرلٽ ۽ سياسي عدم استحڪام وڌايو. ان کان پوءِ سنڌ ايران ۽ پوءِ افغان اثر هيٺ به رهي. شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ حڪمرانن جي درٻاري شان کان هٽي عام ماڻهن، مسافرن، ماروئڙن، مهاڻن، ڏنارن، ڪاپائتين ۽ ڏکويل عورتن جي زندگيءَ کي مرڪزيت ملڻ کي انهيءَ تاريخي ماحول ۾ پڙهڻ ضروري آهي. شاهه سڌي سياسي تاريخ نه ٿو لکي، پر سندس ڪردارن جي چونڊ ۽ اخلاقي ترجيحون اقتدار کان ٻاهر رهندڙ ماڻهن جي دنيا کي ادبي عظمت ڏين ٿيون.

### شاهه عنايت شهيد جي هاري تحريڪ ۽ زرعي سياست

شاهه لطيف جي جوانيءَ واري دور ۾ جهوڪ جي صوفي شاهه عنايت شهيد جي تحريڪ سنڌ جي زرعي ۽ سياسي تاريخ جو اهم واقعو هئي. شاهه عنايت جي جماعت زمين، پيداوار ۽ هاريءَ جي حق بابت هڪ اهڙو عملي تصور پيش ڪيو، جنهن کي جديد مطالعي ۾ اجتماعي زراعت ۽ سماجي انصاف جي ڪوشش طور بيان ڪيو ويو آهي. تحقيقي ۽ عوامي روايت ۾ هن تحريڪ سان "جيڪو کيڙي، سو کائي" وارو اصول منسوب ڪيو وڃي ٿو. ان جو بنيادي مطلب اهو هو ته زمين تي محنت ڪندڙ ماڻهو پيداوار ۽ رزق مان منصفاڻو حصو حاصل ڪن.

جهوڪ ۾ شاهه عنايت جي وڌندڙ اثر سان مقامي زميندارن ۽ موروثي پيرن جي معاشي ۽ سماجي بالادستيءَ کي خطرو محسوس ٿيو. مغل صوبائي حاڪمن، مقامي زميندارن ۽ ڪلهوڙن جي گڏيل ڪارروائيءَ کان پوءِ جهوڪ جو گهيرو ٿيو ۽ شاهه عنايت کي 1718ع ۾ شهيد ڪيو ويو. ميرعلي شير قانع جي تحفة الڪرام ۽ مقالات الشعراءَ ۾ ان واقعي جا تفصيل ملن ٿا، جڏهن ته جديد محقق ان کي سنڌ جي هاري ۽ سماجي انصاف واري تاريخ جو اهم باب قرار ڏين ٿا.


شاهه لطيف کي سڌيءَ طرح شاهه عنايت جي سياسي تحريڪ جو رڪن يا ترجمان قرار ڏيڻ لاءِ قطعي تاريخي ثبوت موجود نه آهن. تنهن هوندي به ٻنهي شخصيتن جو همعصر هجڻ، پورهيت طبقي لاءِ همدردي، جاگيرداراڻي ناانصافيءَ جي پسمنظر ۽ انساني برابريءَ جي اخلاقي قدرن سبب سندن فڪر ۾ هڪ وسيع تاريخي هم آهنگي نظر اچي ٿي. علمي احتياط جي تقاضا آهي ته ان تعلق کي "همعصر سماجي ماحول" ۽ "فڪري مشابهت" طور بيان ڪيو وڃي، نه ڪي ثابت ٿيل تنظيمي لاڳاپي طور.

### سر سارنگ: برسات، زراعت ۽ زندگيءَ جو گڏيل نظام

شاهه جي رسالي ۾ سر سارنگ زرعي ۽ ماحولياتي مطالعو لاءِ سڀ کان نمايان سر آهي. سارنگ مينهن آڻيندڙ ڪڪر ۽ وسڪاري جي موسم جي علامت آهي. شاهه وٽ برسات رڳو موسم جو خوشگوار منظر نه، پر اجايل انسانن، ٻنين، جانورن، پکين، چراگاهن ۽ سڄي وطن لاءِ زندگيءَ جي بحالي آهي. ان ڪري سر سارنگ کي سنڌ جي پاڻيءَ، خوراڪ ۽ ڳوٺاڻي معيشت جو شعري دستاويز چئي سگهجي ٿو.

موٽِي ماندا ڻَن جي پري ڪئائين پيچَ
وِڄون وَسڻَ آئيُون، سَارنگ چڙهيو سيجَ
تِنهه نُوٽيون سَڀ نَوازيُون، ڏَنِ ڏيئي ڏيج
ٻَج کَٽِي پَٽِ هَلِيَا هاري منجهان هيج
راضِي منجهان ريجَ، عالَم سَڀُ آبادُ ٿئو.

شاهه جي رسالي ۾ سر سارنگ زرعي ۽ ماحولياتي مطالعي لاءِ سڀ کان نمايان سر آهي. سارنگ مينهن آڻيندڙ ڪڪر ۽ وسڪاري جي موسم جي علامت آهي. شاهه وٽ برسات رڳو موسم جو خوشگوار منظر نه، پر اجايل انسانن، ٻنين، جانورن، پکين، چراگاهن ۽ سڄي وطن لاءِ زندگيءَ جي بحالي آهي. ان ڪري سر سارنگ کي سنڌ جي پاڻيءَ، خوراڪ ۽ ڳوٺاڻي معيشت جو شعري دستاويز چئي سگهجي ٿو.



(شاهه عبداللطيف ڀٽائي، 2012ع، سُر سارنگ، داستان چوٿون، بيت 22، ص. 412)

هن بيت ۾ زرعي خوشحاليءَ جو واضح سلسلو ملي ٿو: وسڪارو اچي ٿو، زمين ريج ٿئي ٿي، ضرورتمندن کي ڏيج ڏئي نوازيو وڃي ٿو، هاري خوشيءَ سان ٻج کڻي ٻنين ڏانهن وڃن ٿا ۽ آخر ۾ سڄي عالم جي آباديءَ جي ڳالهه ڪيل آهي. هتي مينهن رڳو قدرتي منظر نه، پر پوک، ٻج، هاريءَ جي اميد، پيداوار ۽ اجتماعي ڀلائيءَ جي گڏيل طاقت آهي. جديد غذائي تحفظ جي تصور ۾ به پيداوار، معاشي پهچ ۽ سماجي ڀلائي هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن: بيت ان ئي لاڳاپي کي اخلاقي ۽ شعري صورت ڏئي ٿو.

### مينهن کان پوءِ: فصل، مالداري ۽ ماحولياتي هم آهنگي

ڏَرَ رَيَا، ريجَ ٿئا، ڪِي اوهِيرن اوڪَ
ميها چِيڙ ڦنگيُون، ٿِيا سَيئِي ٿوڪَ
چاچَر ٿِي چَنُن ۾ ، مينَهيُون چَرَن موڪَ
سَرهيون سَنگهاريون ٿيون پائين تَوسيُون طوق
لاٿئِين مَٿان لوڪَ، ڏوگاهي جا ڏينهڙا.

(شاهه عبداللطيف ڀٽائي، 2012ع، سُر سارنگ، داستان ٻيو، بيت 13، ص. 407)

هن بيت ۾ مينهن کان پوءِ هڪ ئي وقت زمين جو ريج، ميها ۽ چيڙن جهڙين خوراڪي ولين جي واڌ، چنن ۾ پاڻي، مينهن جو کليو چرڻ ۽ سنگهارين جي سرهاڻ بيان ٿيل آهي. شاهه انسان، جانورن، ٻوٽن ۽ پاڻيءَ کي الڳ الڳ نه، پر هڪ ئي حياتياتي ۽ معاشي نظام طور پيش ڪري ٿو. مينهن وري خوراڪ، چاري، مالداريءَ، عورتن جي پورهيي ۽ ڳوٺاڻي خوشحاليءَ کي گڏي بحال ڪري ٿو: تنهنڪري ماحولياتي سک ۽ انساني سک هڪ ٻئي کان جدا ناهن.

وِسڪارو، مالداري ۽ ڳوٺاڻي خوشحالي

اڳڻ تازِي، ٻهَرِ ڪُنديُون، پڪا پَٽِ سُونهَنِ
سُرَهي سيجَ، پاسي پرين، مُرِ تا مينهَ وَسَنِ
اسان ۽ پِرين، شالَ هُوَن بَرابَر ڏِينهڙا.

(شاهه عَبداللطيف ڀٽائي، 2012ع، سُر سارنگ، داستان ٻيو، بيت 8، ص. 407)

هتي گهوڙو، ڪنديون مينهون، پڪا ۽ ساوا پٽ هڪ خوشحال ڳوٺاڻي گهر جي علامت آهن. مينهن سان چراگاهه وڌن ٿا، جانور متارا ٿين ٿا، کير ۽ ڏڌ جي پيداوار وڌي ٿي، گهرن ۾ خوراڪ ۽ آمدني اچي ٿي ۽ سماجي زندگيءَ ۾ خوشي پيدا ٿئي ٿي. شاهه جي نظر ۾ خوشحالي محلات يا خزاني جو نالو نه، پر آباد اڳڻ، صحتمند مال، ساوا پٽ، گڏيل خاندان ۽ رزق جي اطمينان جو نالو آهي. هي تصور زراعت ۽ مالداريءَ کي هڪ گڏيل معيشت طور پيش ڪري ٿو.

سنڌ جي روايتي زرعي نظام ۾ جانور رڳو پيداوار نه، پر زمين جي زرخيزيءَ جو پڻ حصو هئا. فصلن جا باقيات چارو بڻبا هئا ۽ جانورن جو ڀاڻ زمين ۾ نامياتي مادو وڌائيندو هو. اهڙي چڪر ۾ زراعت، مالداري ۽ گهريلو خوراڪ هڪ ٻئي کي سهارو ڏيندا هئا. شاهه جي شاعري هن گڏيل نظام جي سماجي ۽ جذباتي اهميت کي محفوظ ڪيو آهي.

مهانگائي، ذخيره اندوزي ۽ زرعي منديءَ جي ناانصافي

حُڪمُ ٿِيو بادَلَ کي ته سارنگ ساٿَ ڪَڄِنِ
وِڄُون وَسڻَ آئِيُون ٿَهِ ٿَهِ مِينهَن ٿَمَنِ
جَنِ مَهانگي مَيڙيو سي، تا هَٿَ هَڻَنِ
پُنجن مان پندرهن ٿئا، ائين تا ورق وَرَنِ
ڏُڪاريا ڏيهَه مان مُوذِي سَڀ مَرِن
مينهيون پاڻَ مَراديون ٿَذا ٿَر چَرَنِ
وهُڪي جَنِ ورَهيه ٿِئا، موٽئو سي مِڙَنِ
وَري وَڏيءَ وَس جون ڪِيون ڳالهيون ڳِنوارَنِ
سَيدُ چَئي سَيِنِ، آهي توَ تُنهنجوآسَرو.


(شاهه عبداللطَيف ڀٽائي، 2012ع، سُر سارنگ، داستان ٽيون، بيت 15، ص. 409)

هي بيت شاهه جي سماجي ۽ معاشي شعور جو غيرمعمولي مثال آهي. ڏڪار يا کوٽ جي حالت ۾ اناج گڏ ڪري مهانگو وڪڻندڙ ماڻهو عوام جي مجبوريءَ مان فائدو وٺن ٿا. "پنجن مان پندرهن" قيمت ۾ غيرمعمولي واڌ ۽ ناجائز منافعي جي علامت آهي. جڏهن مينهن پوي ٿو ۽ نئون فصل اچڻ جي اميد پيدا ٿئي ٿي ته ذخيره اندوزن جو منصوبو ناڪام ٿئي ٿو. شاهه اهڙن ماڻهن کي "ڏڪاريا" ۽ "موذي" سڏي ٿو: يعني اهي فقط ڏڪار مان فائدو وٺندڙ نه، پر سماج ۾ مصنوعي کوٽ ۽ تڪليف وڌائيندڙ عنصر آهن.

ان بيت مان ظاهر ٿئي ٿو ته شاهه وٽ زراعت رڳو پوک ۽ برسات جو موضوع نه، پر سياسي معيشت جو سوال به آهي: پيداوار ڪير ڪري ٿو، ان کي ڪير خريد ۽ ذخيرو ڪري ٿو، قيمت ڪير مقرر ڪري ٿو ۽ بحران جو بار ڪنهن تي پوي ٿو؟ هي سوال اڄ به زرعي مارڪيٽ، واپار، ذخيره اندوزي، هاريءَ کي مناسب اگهه ۽ صارف لاءِ خوراڪ جي سهانگائيءَ جي بحث ۾ بنيادي حيثيت رکن ٿا. ■هلندڙ

# سنڌ ۾ پٿين تي چِٽسالي

عزيز ڪنگراڻي



هيءُ مقالو سنڌ ۾ موجود مقبرن، مسجدن ۽ مندرن جي پٿين تي ٿيل فريسڪو چٽساليءَ جو جائزو پيش ڪري ٿو. هن ۾ سنڌ ۾ ديوارن تي چٽساليءَ جي تاريخي ارتقا ۽ فني پس منظر جو احاطو ڪيو ويو آهي، جڏهن ته ان جي ثقافتي ۽ جمالياتي اهميت کي به اجاگر ڪيو ويو آهي. هن مقالي ۾ چٽساليءَ جي سنڌي فن جي نموني يا چٽساليءَ جي ڏيهي پرڏيهي فن جي اسڪولن يا نمونن (Schools of art) تي پڻ بحث ٿيل آهي. چٽساليءَ جي سنڌي نموني (Sindhi school of art)، اسلامي، ايراني، مغل، راجستاني، ڪمانگري ۽ ٻين هندستاني چٽساليءَ جي فن جي نمونن جي اثرن جو جائزو به ورتو ويو آهي. ان کان علاوه، سنڌ ۾ ٿيل پٿين تي فريسڪو چٽساليءَ ۾ پيش ڪيل موضوعن ۽ سنواريل نقش نگاريءَ جو به تجزيو ڪيو ويو آهي، جن ۾ مذهبي، سماجي، ثقافتي، سياسي، شاهي ۽ روزمره زندگيءَ سان لاڳاپيل موضوع ۽ منظر شامل آهن. هي مقالو واضح ڪري ٿو ته سنڌ ۾ فريسڪو چٽساليءَ مختلف اوائلي فني روايتن جي هڪ منفرد سنگم جي نمائندگي ڪري ٿي ۽ سنڌ جي تاريخي ۽ ثقافتي ورثي جا قيمتي تصويري رڪارڊ نمايان ڪري ٿي.

## تعارف


جڏهن اسين سنڌ ۾ پٿين تي ڪيل مصوري جي تاريخ تي نظر وجهون ٿا ته سما سلطنت (1353ع–1521ع) ۽ شروعاتي مغل دور کي سنڌ ۾ هن فن جي ابتدائي دور طور شمار ڪري سگهجي ٿو. مقبرن، مسجدن، مندرن ۽ قبرن جي پٿين تي چٽسالي جو رواج مغلن جي اثر هيٺ ابتدائي ڪلهوڙا دور (1718ع–1782ع) کان زور ورتو لڳو، ۽ اها روايت ٽالپر دور ۾ عروج تي رهي، جيڪا برطانوي دور تائين جاري رهي. ڪلهوڙا دور (1718ع–1783ع) کانپوءِ ٽالپر دور (1783ع–1843ع) ۾ سنڌ ۾ پٿين تي چٽسالي پنهنجي شاندار عروج تي پهتي.

مغل يا راجپوت فن جي اثرن جي باوجود، سما، مغل، ارغون ۽ ترخان دورن ۾ پٿين تي چٽساليءَ جا ڪي خاص قابلِ ذڪر مثال نٿا ملن. سنڌو درياهه جي ڪاٻي ڪناري ۽ ساڄي ڪناري جبلن جي سلسلي ڪِنار واري علائقي، جيڪو ضلعي ڄامشوري جي جهانگارا ٻجارا ويجهو ٻنڌٽي کان اتر طرف ضلعي قمبر–شهدادڪوٽ جي مير احمد خان چانڊيو ۽ مٺو مستوئي جي قبرستانن تائين پکڙيل آهي، انهن تي موجود پٿين تي تصويرون گهڻو ڪري ڪلهوڙا، ٽالپر ۽ برطانوي دورن سان لاڳاپيل نظر اچن ٿيون. ان جو اندازو هن حقيقت مان لڳائي سگهجي ٿو ته جوهي تعلقي ۾ مير الهيار خان اول جي قبرستان ۾ موجود تصويرن جي عمر لڳ ڀڳ 200 سال (هاڻ وڌيڪ) آهي. (1) گهڻو امڪان آهي ته پٿين تي اهي تصويرون هڪ کان وڌيڪ مرحلن يا دورن ۾ ٺاهيون ويون هونديون. اهو مختلف رنگن جي ترتيبن، گلڪاري ۽ جاميٽريڪل نقش ونگارن، پٿين تي چِٽيل موضوعن ۽ مسجدن، مقبرن، قبرن ۽ مندرن جي تعميراتي طرز مان ظاهر ٿئي ٿو. انهن تصويرن ۾ ڏيکاريل لباس ۽ هٿيار پڻ ان ڳالهه جي تائيد ڪن ٿا ته ٽالپر دور نمايان آهي.

ڪلهوڙا دور جي پڇاڙي ۽ ٽالپر دور جي شروعات کان پوءِ مقبرن، مسجدن ۽ قبرن جي اندرين ۽ ٻاهرين پٿين کي چٽساليءَ سان سينگارڻ جو رواج عام ٿي ويو. پٿين کي گلڪاري، جاميٽري جي نمونن، ميون، پکين، جانورن، جنگين، داستانن، ڏندڪٿائن، موسيقي جي سازن، ٻيڙين، ناچ، روزمره زندگيءَ جي منظرن، اُٺن ۽ گهوڙن جي سوارن، سُورمن، شاهي قافلن ۽ امير مردن ۽ عورتن سان گڏ ثقافتي، رسمن ۽ سماجي زندگيءَ جي ٻين منظرن ۽ فطرت جي عڪاسي ڪندڙ رنگن سان سينگاريو ويو هو.

سموري سنڌ سان گڏ دادو ضلعي ۽ ان جي حدن اندر واقع ڪاڇي جي مبداني علائقي ۾ موجود پٿين تي نقش نگاري تمام گهڻي ۽ انتهائي شاندار ۽ دل موهيندڙ ٿيل آهي. پٿين تي چٽساليءَ ڪندڙ پينٽر يا رازا پنهنجي فن ۾ ماهر ۽ نهايت قابل هئا. پٿين تي چٽساليءَ ۾ موجود نفاست ۽ مهارت ان دور جي نقش نگارن جي مهارت جو واضح ثبوت آهي. جرمن محقق ايم. جي. ڪونيئزاني (M.G. Konieezany) جو خيال آهي ته، انهن تصويرن کي ڏسڻ سان چئي سگهجي ٿو ته، انهن ۾ راجپوت ۽





پٿ تي مسجد جي تصوير



پٿ تي ڪير ولوڙيندڙ عورت جي فريسڪو چٽسالي

مغل فن جو سنگم موجود آهي (2). علي احمد بروهي به مصطفىٰ ڪونيئزاني جي راءِ جي حمايت ڪندي هڪ سوال اٿاري ٿو: ته ”ڪور يا ڪوڙ (اصل ٽوڙ) ۾ مسلمانن جي مقبرن جي پٿين تي نظر ايندڙ تصويرون واضح طور تي راجپوت اسڪول سان تعلق رکن ٿيون، پر اهڙيون تصويرون مسلمانن جي مقبرن جي اندروني سينگار لاءِ ڪيئن ۽ ڇو استعمال ڪيون ويون؟ خاص طور تي جڏهن اهي مقبرا ڪلهوڙن جا هئا، جيڪي انتهائي مذهبي هئا ۽ مذهبي اڳواڻن طور وڏي پولڳي رکندا هئا.“ (3)

ميچئل ۽ سرينا سنگهه به تقريباً ساڳي راءِ رکن ٿا. راجپوت ۽ مغل چٽساليءَ ۾ فرق بيان ڪندي هو لکن ٿا ته: ”شروعاتي مغل اثر گلڪاريءَ واري اربيسقيو ۽ جاميٽري جي ڊزائنن جي نمونن جي صورت ۾ ظاهر ٿيو. پنهنجي مذهب جي هدايتن مطابق مغلن جانورن يا انسانن جون تصويرون ٺاهڻ کان پاسو ڪيو، پر پوءِ راجپوت شاهي درٻارن جا اثر غالب ٿيڻ لڳا“ (4). اها ڳالهه واضح ڪري ٿي ته ڪاڇي واري علائقي جي مقبرن جي پٿين تي موجود نقش نگاري ۾ راجپوت ۽ مغل، ٻنهي فني اسڪولن جو اثر موجود هو. انهن هندستاني فني اسڪولن جا نمونا يا ته جاميٽريڪل نوعيت جا هئا يا وري نباتات ۽ حيوانات مان متاثر هئا، ۽ ڪڏهن ڪڏهن انساني شڪليون به پيش ڪندا هئا.

ونسينٽ آرٿر سمٿ جي نظر ۾ راجپوت چٽساليءَ ڪنهن نئين فن جون خاصيتون نٿي رکي؛ پر اها اجنتا جي ڪلاسيڪي فن سان اهڙيءَ طرح لاڳاپيل آهي، جيئن هندي ٻولي ۽ ادب پراڻين پراڪرت ۽ سنسڪرت ٻولين سان لاڳاپيل آهن. راجپوت چٽساليءَ دراصل لوڪ روايتن ۽ قديم مذهبي ڊزائنن جو هڪ غيرمعمولي امتزاج پيش ڪن ٿيون. ان جي ابتڙ، مغل فن خالص ننڍي پيماني وارِي (Miniature) نقش نگاري آهي، جنهن جو قديم هندستاني فريسڪو فن سان ڪو سڌو تعلق ناهي. اهو عوامي نه پر درٻاري، مذهبي نه پر دنياوي، ۽ روحاني نه پر مادي نوعيت جو فن آهي (5). راجپوت چٽساليءَ، جيڪا راجستاني چٽساليءَ جي نالي سان به مشهور آهي، هندستاني چٽساليءَ جو هڪ اهم انداز آهي. راجپوت چٽساليءَ پنهنجي محدود رنگن، گهٽ يا اختصار واري منظرنگاري، سنوار، چمڪ ۽ ڏندڪٿائي موضوعن سبب سڃاتي ويندي هئي. انهن تصويرن جا موضوع گهڻو ڪري مذهبي ۽ عشقيه هوندا هئا. نمايان خاڪا ۽ روشن رنگ راجستاني چٽسالي جون بنيادي خصوصيتون آهن. سنڌ خاص طور دادو ۽ قمبرشهدادڪوٽ ضلعن جي ڪاڇي جي علائقي ۾ موجود چٽساليءَ ۾ سنڌي چٽساليءَ جي اسڪول تي راجپوت فن جو واضح اثر ڏسي سگهجي ٿو.

ظاهر آهي ته سنڌو درياهه جي ڪاٻي ڪناري ۽ ساڄي ڪناري وارن علائقن جي مقبرن يا مسجدن جي پٿين تي موجود چٽساليءَ ۾ راجپوت ۽ مغل فن جي اسڪولن جا بنيادي اصول گڏيل صورت ۾ موجود آهن. ميان نورمحمد ڪلهوڙي جي قبرستان، ڪلهوڙا دور جي قديم خداآباد جامع مسجد جي پٿين تي گلڪاريءَ جا گلدستا ۽ مير سليمان خان عرف مير ڪڪو خان، مير الهيار خان ٽالپر اول، مير چتو خان ۽ مير ماڻڪ خان ٽالپر جي مقبرن سان گڏ ميان نصير محمد ڪلهوڙي جي قبرستان ۾ مقبرن ۾ موجود نقش نگاري واضح طور تي مغل شهنشاهه جهانگير جي مقبري جي پٿين تي موجود چٽساليءَ کان متاثر نظر اچي ٿي.

ٻئي طرف، راجپوت چٽساليءَ ۾ انساني چهرا بادامي شڪل وارين اکين ۽ نمايان يا نوڪدار نڪ جي خاصيتن سان چِٽيا ويندا هئا (6). سنڌ جي مختلف علائقن جي مقبرن جي پٿين تي ليلا– مجنون جي عشقيه داستان جي تصويرڪشي ڪڇ جي ڪمانگري اسڪول ۽ فارسي مصوري جي اثر هيٺ نظر اچي ٿي. اهڙيءَ طرح، انهن فني اسڪولن جون ساڳيون خاصيتون هتي جي پٿين تي نقش نگاري ۾ به نمايان آهن. دادو ۽ قمبرشهدادڪوٽ ضلعن جي مقبرن ۽ مسجدن جي اندرين پٿين تي ڏيکاريل سڀئي مرد ۽ عورتون بادامي اکين ۽ نوڪدار نڪ سان چِٽيل آهن.

بلاشبهه، اهو چئي سگهجي ٿو ته سنڌ جي يادگارن جي پٿين تي نقش نگاري تي هندستان جي ٻين علائقن جي فني اسڪولن جو به اثر رهيو هوندو. يا گهڻو امڪان آهي ته ٻين علائقن مان ماهر ۽ مشهور استاد (رازا) ۽ نقش نگار هتي ڪم لاءِ گهرايا ويا هجن. بعد ۾ مقامي سنڌي رازن ۽ ڪاريگرن انهن ماهر ڪاريگرن سان گڏ ڪم ڪندي چٽساليءَ جو فن سکيو، انهن هن هنر ۾ مهارت حاصل ڪئي ۽ سنڌي چٽساليءَ جي فن جو اسڪول وجود ۾ آندو ۽ ان کي وڏي ترقي ڏني. ■ – هلندڙ


جڏهن اسين سنڌ ۾ پٿين تي ڪيل مصوري جي تاريخ تي نظر وجهون ٿا ته سما سلطنت (1353ع–1521ع) ۽ شروعاتي مغل دور کي سنڌ ۾ هن فن جي ابتدائي دور طور شمار ڪري سگهجي ٿو. مقبرن، مسجدن، مندرن ۽ قبرن جي پٿين تي چٽسالي جو رواج مغلن جي اثر هيٺ ابتدائي ڪلهوڙا دور (1718ع–1782ع) کان زور ورتو لڳو، ۽ اها روايت ٽالپر دور ۾ عروج تي رهي، جيڪا برطانوي دور تائين جاري رهي. ڪلهوڙا دور (1718ع–1783ع) کانپوءِ ٽالپر دور (1783ع–1843ع) ۾ سنڌ ۾ پٿين تي چٽسالي پنهنجي شاندار عروج تي پهتي.

### حوالا

(1) ايم جِي مصطفي ڪوئنزاني، (ترجمو) ٽماهي مهراڻ واليوم 1/22–2–1973ع، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو/حيدرآباد، ص– 168
(2) ساڳو حوالو، ص–162
(3) علي احمد بروهي، هسٽري آف ٽامب اسٽونس سنڌ بلوچستان، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 2005ع، ص–48
(4) مچئل اينڊ سارينا سنگهه . راجستان . 1997ع، لونلي پلانيٽ پبليڪيشن آسٽريليا، ص–256
(5) ساڳو حوالو، ص–45
(6) ايم ايچ پنهور، اين اِلسٽريٽيڊ اطلس آف سومرا ڪنگڊم آف سنڌ، 2003ع، ص–201

## خودداريءَ واري هڪ اهم آتم ڪٿا

# ريگل چوڪ، ڪجهيءَ جو وڻ ۽ ممتاز مهر




رڪيل مورائي



هيءُ ممتاز مهر جو آتم ڪٿا تي ٻڌل ڪتاب آهي. جن ممتاز مهر صاحب کي پڙهيو آهي، اهي سندس خودداري، اصول پرستي ۽ ادب سان جڙيل هٺ جو اندازو لڳائي سگهندا. پڪ سان هن جو سنڌي، اردو توڙي انگريزي ادب سان رشتو، سندس ساهه جي آخري هڏڪيءَ تائين ڳنڍيل رهيو... هڪ آچر جي ڏينهن، جهڙالو آڪاس اداس اداس لڳي رهيو هُئو، جو آئون ريگل چوڪ تي پهتو هوس. اسين منور ۽ مان ڪتابن ڪان ۽ ڪتاب ڏسندڙ ماڻهن ڪان لنوائي ان ڪجهيءَ جي وڻ هيٺان اچي ويٺاسين، جنهن وڻ هيٺان اڪثر ممتاز مهر صاحب سان گڏ ويهي ڪچهري ڪندا هئاسين، پر اڄ اسان جي وچ ۾ ممتاز مهر صاحب نہ هُئو.

اهو چنچر 25 جولاءِ جو ڏينهن هُئو، جڏهن مرڪ پبليڪشن ڪراچيءَ جي اڳواڻ مرتضيٰ لغاريءَ فيس بوڪ تي هڪ شاندار تصوير واري ٽائيٽل سان ڇپيل ڪتاب جي خوشخبري رکي تہ، هيءُ ڪتاب ڇپجي ويو آهي. ڪتاب جو نالو آهي ”پُلي نہ بيهہ بازار ۾“ ۽ ان جو لکندڙ آهي ناميارو ڪهاڻيڪار ۽ نقاد ممتاز مهر صاحب.

ڪتاب ڏسڻ لاءِ من اُڇلون ڏيڻ لڳو جو ان ڪتاب جو پهريون پڙهندڙ شايد مان هوس، تنهن وقت ڪتاب ڇپيل شڪل ۾ نہ هُئو، پر لکيل شڪل ۾ ضرور هُئو.

شام جو گهر اچي مون پنهنجي دوست ۽ شاعر منور سولنگيءَ کي فون ڪيو تہ، صبح جو ريگل چوڪ ڪراچيءَ تي مِلون. هن حامي ڀري. اهو شايد منهنجو پهريون ڀيرو هُئو جو مان ممتاز مهر صاحب جي هن جڳ کان هليو وڃڻ کان پوءِ ريگل چوڪ تي وڃي رهيو هوس. ٻيءَ طرح ريگل چوڪ تي وڃڻ جو مُکيہ سبب ممتاز مهر صاحب هوندو هُئو ۽ ڪتاب ٻيو سبب. ساڻس گڏ ڪتاب ڏسڻ کان پوءِ پاسيرو وڃي ڪنهن عام هوٽل تي چانهہ پيئڻ ۽ ڪچهري ڪرڻ اسان جو مشغلو هيو.

جيتوڻيڪ ممتاز مهر صاحب وانگر ۽ منور سولنگيءَ وانگر هر هفتي مان گهٽي ڀاڱي ريگل چوڪ تي نہ ويندو هوس، پر جڏهن بہ ممتاز مهر صاحب سان گڏجڻ جو چاهيو هُئم تہ هليو ويندو هوس. منور ساڻس اڪثر ملندو رهندو هُئو ۽ ساڻس هر هفتي ٻيو ملڻ وارو شخص اسان جو گڏيل دوست عبدالواحد سومرو هوندو هُئو، جيڪو ساڻس گهڻو حجائتو بہ هُئو. ڪيئن بہ، گذريل آچر، 26 جولاءِ تي مون ۽ منور سولنگيءَ ممتاز مهر صاحب کي ياد ڪرڻ لاءِ ريگل چوڪ چونڊيو هُئو.

ان آچر جو جهڙالو آڪاس اداس اداس لڳي رهيو هُئو، جو آئون ريگل چوڪ تي پهتو هوس. اسين منور ۽ مان ڪتابن ڪان ۽ ڪتاب ڏسندڙ ماڻهن ڪان لنوائي ان ڪجهيءَ جي وڻ هيٺان اچي ويٺاسين، جنهن وڻ هيٺان اڪثر ممتاز مهر صاحب سان گڏ ويهي ڪچهري ڪندا هئاسين، پر اڄ اسان جي وچ ۾ ممتاز مهر صاحب نہ هُئو.

مون کي ڪن ڪٿن لاءِ محسوس ٿيو تہ اسان جيان ڪجهيءَ جو وڻ بہ اداسيءَ جو شڪار هُئو شايد! ٻيءَ طرح جهڙالو آڪاس پنهنجي سموري سونهن سان ڪراچيءَ جي ريگل چوڪ مٿان موجود هُئو. روڊ ٻنهي پاسي اچ وڃ ڪري رهيو هُئو ۽ اسان ان ڪجهيءَ جي وڻ سان ڪچهري ڪري رهيا هُئاسين، جنهن جي هيٺان ٺهيل بينچ تي اسان ممتاز مهر صاحب سان سندس زندگيءَ جي آخري تصوير ڪڍرائي هُئي. هن لمحي ٻيو تہ سڀ ڪجهہ موجود هُئو، پر ممتاز مهر صاحب ۽ سندس معصوم مُرڪ نہ هُئي.

جڏهن مرتضيٰ لغاريءَ ممتاز مهر صاحب جي ڇپيل ڪتاب جي پهرين ڪاپي اهو لکي تہ، ”سنڌي ٻوليءَ جي خوبصورت ليکڪ محترم رڪيل مورائي صاحب لاءِ، جنهن کي مهر صاحب جو پڳ مٽ يار سمجهان ٿو.“ مون کي ڏني تہ گهڙي ڪن لاءِ ڪتاب ڇپجڻ جي خوشي ۽ سندس موجود نہ هجڻ جو احساس، ٻئي هڪ ئي وقت ٻن ڇيڙن تي اچي بيٺا.

جيتوڻيڪ مرتضيٰ جي لکت سان ان صورت ۾ اَسهمتي رکان ٿو تہ، ممتاز صاحب منهنجو يار ضرور هُئو، پر پڳ مَٽُ بنهہ نہ، ڇو تہ پڳ مَٽ ٻہ همعمر ٿيندا آهن ۽ ممتاز صاحب مون کان عمر ۾ ڪافي وڏو هُئو، ان ڪري هو منهنجو احترام لائق دوست هُئو. اسين هڪ ٻئي سان ڏک توڙي سک، بنا حجاب جي ونڊڻ وارا هئاسين ۽ مان پنهنجي هجڻ ۽ نہ هجڻ جي احساس کان تڏهن ٻاهر آيس، جڏهن مرتضيٰ لغاري ڪجهيءَ جي وڻ هيٺان ساڻس نڪتل آخري تصوير تي آڱر رکي ان ڏانهن اِشارو ڪيو، جنهن ۾ هو وچ ۾ ويٺل آهي، سندس ڪاٻي ڪان مان (رڪيل مورائي) آهيان ۽ ساڄي پاسي کان منور سولنگي آهي. وچ ۾، سندس پٺيان اهو ڪجهيءَ جو وڻ آهي، جيڪو شايد اڄا گهڻو وقت اتي بيهڻو آهي. ڪتاب ۾ مهر صاحب جون ڪجهہ يادگار تصويرون پڻ ڏنيون ويون آهن، جن ڪتاب جي سونهن توڙي اهميت کي گهڻو اهم بڻائي ڇڏيو آهي.

ممتاز مهر صاحب بنيادي طور ڪهاڻيڪار هُئو ۽ هن نالو تنقيد ۾ پيدا ڪيو. هو شايد سنڌيءَ جو پهريون ۽ آخري بہ نقاد هُئو، جنهن لکيت ۾ اهو ڄاڻايو تہ سنڌي ادب دنيا جي ڪنهن بہ ڪنڊ ۾ پِل لکيو وڃي، اهو سنڌي ادب آهي، جيئن اردو ادب آهي.

هيءُ ممتاز مهر جو آتم ڪٿا تي ٻڌل ڪتاب آهي. جن ممتاز مهر صاحب کي پڙهيو آهي، اهي سندس خودداري، اصول پرستي ۽ ادب سان جڙيل هٺ جو اندازو لڳائي سگهندا. پڪ سان هن جو سنڌي، اردو توڙي انگريزي ادب سان رشتو، سندس ساهہ جي آخري هڏڪيءَ تائين ڳنڍيل رهيو. سندس هيءَ آتم ڪٿا گهڻين ڪوششن باوجود سندس زندگيءَ ۾ ڇپجي نہ سگهي، جنهن جو ڏک کيس گهڻ پاسائون رهجي ويو. مرڪ پبليڪيشن هيءُ ڪتاب ڇاپي هڪ فرض شناس پبلشنگ اداري طور پنهنجي مرتبي ۾ واڌارو ڪيو آهي. اڄ جڏهن پبلشنگ ادارا هٿ ٻڌجي ويا آهن، اتي ممتاز مهر صاحب جي آتم ڪٿا ڇپائيندڙ اداري نہ فقط پنهنجي آبروءَ ۾ واڌارو ڪيو آهي، پر سنڌي ادب ۾ هڪ اهڙي ڪتاب جو واڌارو ڪيو آهي، جيڪو ان آبروءَ کي وڌيڪ وڌائيندو ۽ ياد رکندو.

ممتاز مهر صاحب جي هن ڪتاب ۾ 388 صفحا آهن. ان کان سواءِ ڪجهہ بليڪ اينڊ وائيٽ ۽ رنگين تصويرون پڻ شامل ڪيل آهن، جيڪي هن ڪتاب کي هڪ دستاويزي شڪل ڏين ٿيون.

ريگل چوڪ، ڪجهيءَ جو وڻ ۽ وچ ۾ ڪجهيءَ جي ٿڙ سان ٽيڪ ڏنل ممتاز مهر صاحب پنهنجي ٻن پڪشوئن سان گڏ وري ڪڏهن اندراوري سگهندو، اهو احساس ئي دل کي جهٻو ڏيندڙ آهي. ڪتاب جو مُلهہ 1000 رپيا آهي. پڪي جلد ۽ وڻندڙ ٽائيٽل واري هن ڪتاب کي پڪ سان جڏهن بہ پڙهيو ويندو تہ مهر صاحب جي سچن دوستن لاءِ بہ اهم هوندو تہ، لُچن لاءِ بہ اهم هوندو، ڇاڪاڻ تہ انهن کي پنهنجو لُچايون ياد ايندين مون کي صرف ايترو چوڻو آهي.

علي بابا جي هنن لفظن ۾ تہ: ”منهنجا محبوب جڏهن بہ تنهنجي سار ايندي تہ اسان کي پنهنجا گناهہ ياد ايندا.“ ۽ اِهو ياد پوندو تہ ممتاز مهر صاحب شايد ان ڪري ئي پنهنجي آتم ڪٿا کي نالو ڏنو آهي ”پُلي نہ بيهُہ بازار ۾.“ ڇو تہ هيءُ جڳ وهندڙ درياهہ آهي، جنهن وانگر بازار بہ هلندڙن لاءِ آهي. بيهي رهڻ وارن لاءِ بنهہ نہ آهي، جيڪو بيٺو اهو مُٺو، سياڻا ائين چوندا آهن. ■

### نثراڻو نظم

# وجود جي لهر

نصير سومرو



اها اَٽي جي لهر آهي
جنهن جي ڌڙڪن جو پنهنجو جهان آهي
ڪٽو هجي يا ڪرن
صورت بدلي ٿو
پر ان جي ارتعاش جي سڃاڻپ
پنهنجي وجود سان زنده رهي ٿي.

ڪائنات جي خاموشي
پنهنجا در کولي ٿي
۽ هڪ اڻ ڏٺل ناد
ذرڙن جي نبض ۾ وهڻ لڳي ٿو.

ريت جو ڪڻو ڪڻو
پنهنجي اندر
هڪ اڻ پڙهيل ڪائنات ڪٽي هلي ٿو
۽ مان
پنهنجن هٿن تي پيل ريت کي
وقت سمجهي ويهندو آهيان.

’نہ ڪي لهر
نہ ڪي لوڏو‘
بس خاموشيءَ جي هڪ اهڙي سطح
جتي آواز
پنهنجي ئي پڙاڏي کان ڊڄي وڃي.

هوا
پنهنجو چهرو وڻن وٽ وساري آئي آهي
۽ پنن جي رڳن ۾
اڻ ڦٽل موسم جو ساهہ وهي ٿو.

چنڊَ
اڄ رات
پنهنجي روشني نہ
پنهنجو پاڇو ورهايو آهي
۽ تارا
ڄڻ بند اکين جا ڪليل خواب هجن.

مون ڏٺو
هڪ چنڊول
پنهنجن پرن مان آسمان ڇٽي رهيو هو
۽ آسمان
پنهنجي نيري جسم مان
هڪ ٻي ڏرتي لکي رهيو هو.

ريت
پنهنجي خاموشيءَ ۾
وقت جا نقش سنڀالي ويٺي هئي
۽ هر ڪڻو
اڻ ڇيل پنڌ جي
پڇاڙيءَ جهڙو لڳي رهيو هو.
انسان
اَٽيءَ جو راز نہ پڙهي ورتو

پر پنهنجي دل ۾
پيل خاموش دروازي جي
ڪنڍي نہ لاهي سگهيو.

هو هر شيءِ کي نالو ڏيندو رهيو
پر پنهنجي ڊپ کي
ڪنهن مانوس ٻوليءَ ۾ ترجمو نہ ڪري سگهيو.


۽ تڏهن بہ—
الائجي ڪيترا خواب
خوابن ۾ گم ٿي ويا
ڪيترا رنگ
وقت جي ريت ۾
خاموش ٿي ويا.
پر اڪين
خواب ڏسڻ نہ ڇڏيو
هر ٽُٽل خواب جي پٺيان
هڪ نئون آسمان
بي آواز اڀرندو رهيو.
■

ماءُ جي متعلق نظم

# اي امان! تنهنجي تمام گهڻي ياد اچي ٿي!

شاعر: شيليش لوڍا

سنڌي ترجمو: بيدل مسرور



مختصر تعارف:
شيليش لوڍا (Shailesh Lodha)، ناليوارو شاعر، اداڪار، بهترين ميزبان آهي، جيڪو 08 نومبر 1969ع تي جوڌپور، راجستان ۾ ڄائو. ننڍپڻ کان ئي شاعري ڪرڻ سبب ڪيس "ٻال ڪوي" سڏيو ويندو هو. سندس چار ڪتاب شايع ٿيل آهن. قومي توڙي ٽيليويزن ايوارڊ حاصل ڪيل اٿائين. مون سندس هي نظم "ڪپيل شرما شو" ۾ سندس واتان ٻڌو ته مون کي تمام گهڻو وڻيو. ان ڪري دل چاهيو ته پنهنجي دوستن سان به ونڊ ڪريان:

شيليش جو چوڻ آهي ته: "ان ڪويتا مون کي دنيا ۾ ڏاڍو مشهور ڪيو آهي ۽ مان جتي به ويندو آهيان ته ماڻهو مون کي اهو چوندا آهن ته اُها ڪويتا ٻڌاءِ، جيڪا تو ماءُ جي باري ۾ لکي آهي، پر توهان يقين ڪيو مون اها ڪويتا ماءُ تي ناهي لکي، مون ته صرف ايترو لکيو آهي ته: 'جڏهن، يا جيستائين ماءُ هوندي آهي ته اُن جي هجڻ جو احساس اسان کي نه هوندو آهي، پر جڏهن ماءُ نه هوندي آهي ته زندگي ڪيئن هوندي آهي، مون ان جي باري ۾ لکيو آهي."

گفتگو ڪندي هڪ سنگيتڪار ۽ چيلي جو قصو ٿو ٻڌائي ته: "ان جي پويان مون کي هڪڙي ڪٿا ياد ٿي اچي، جيڪا اسان ننڍپڻ ۾ ٻڌي هئي ته جهنگل ۾ هڪ سنگيتڪار مردنگ وڄائي رهيو هو. مردنگ ڍولڪ وانگر هڪ ساز کي چوندا آهن. سو جڏهن اهو وڄائيندو هو ته هڪڙو چيلو اچي سندس سامهون ويهندو هو. جنهن تي سنگيتڪار کانئس پڇيو ته: 'تون روزاني اچين ٿو، ته ڇا تو کي منهنجو سُر تال سٺو لڳندو آهي؟'

تنهن تي چيلي کلي ڪيس چيو: 'مون کي اها ته خبر ناهي ته تون ڇا وڄائيندو آهين، مون کي نه سُر جي خبر آهي نه تال جي سمجهه آ. پر مان رڳو اِن لاءِ ايندو آهيان جو تنهنجي ڍولڪ تي جيڪو چمڙو مَڙهيل آهي، اهو منهنجي ماءُ جي کل مان ٺهيل آهي. جڏهن اُن تي ٿاپ پوندي آهي ته مان بي اختيار ڇڪجي ايندو آهيان.' ته مان توهان کي ٻڌايان ٿو ته زندگي ماءُ کانسواءِ ڪيئن هوندي آهي:

**نظم:**

"ڪالهه! ڪالهه جڏهن مان ڪم تي وڃي رهيو هوس ته
اوچتو ايئن لڳو ڄڻ ڪو مون کي روڪي وٺندو!
۽ چوندو ته: 'بيٺي بيٺي کير نه پيءُ هضم نه ٿيندءِ!'
'ٻه گهڙيون ساهه پٽي وٺ!'
'اڙي ڇوڪرا! ايترو سيءُ آ... ڪوٽ پائڻ به وسري ويو ٿي، اهو ته پائي وٺ!'
سوچيم: امان رنڌڻي مان چيو هوندو!
جنهن جي هٿن ۾ اٽو هوندو،
منهن ورائي ڏٺم ته...
کهڙي خبر ته اتي رڳو سناٽو هوندو!
اڙي يار! هوائون ڳالهيون ته ڪنديون آهن مون سان
جڏهن ڪوئي به نه هوندو آ!
ته هِن وسيع ڪائنات جو اهو پولار مون سان ڳالهيون ڪندو آ
لڳندو آهي ته جڏهن ويندس ڪنهن خاص ڪم سان ته ڪو چوندو:
'ڏهي ۽ ڳڙ کائي وٺ پٽ! سٺو سَنوڻ هوندو آهي.'
پر هاڻي مَنُ ان ڳالهه تي ئي ته رئندو آ
ته جنهن آزاديءَ سان رُلڻ ڦرڻ لاءِ مان توسان هر وقت ڪيٽو ڪندو رهيس،
اها ساري آزادي ته هاڻي مون وٽ آهي امان!
مان سمجهان ٿو ته مائرون ننڍپڻ ۾ ٽوڪينديون آهن ته:
'هينءَ نه ڪر، هونءَ نه ڪر! هوڏي نه وڃ،'
'هي نه کاءُ، اهو نه پيءُ، هُن سان نه ويهه!'
امان! اڳ امان! ننڍپڻ ۾ اسان آزاد ٿيڻ چاهيندا آهيون،
پر ان آزاديءَ سان گهارڻ جي قيمت ڇاهي؟ خبر ڪانه هئي!
پوءِ به نه ڄاڻ دل ايڏي اداس اداس ڇو آ!!
چوندو نه هُئس توکي ته:
مان اهُوئي ڪندس، جيڪو منهنجي مَنَ ۾ ايندو"
۽ اڄ مان هر اهو ڪم ڪيان ٿو جيڪو منهنجي مَنَ ۾ اچي ٿو



پر ڳالهه اها نه آهي ته مون کي ڪوئي روڪڻ وارو نه آهي!
ڳالهه ته بس ايتري آ...
ته صبح جو دير سان اٿڻ تي ڪوئي ٽوڪڻ وارو نه آهي!
رات جو دير سان موٽان به ته هاڻي ڪير ٽوڪيندو ڀلا
دوستن سان گڏ رولاڪين کان هاڻي ڪير روڪيندو ڀلا
منهنجي انهن سيني ڪوڙن بهانن کي ڪير مُرڪي مُرڪي ٻڌندو ڀلا
ڪير چوندو ته:
'ڇڏ مون کي، پريشان نه ڪر!'
'ڀلا هي ڇوڪرو سُڌري ڇو نه ٿو!'
'پيسا ڪٿي ٿا خرچ ٿي وڃنس'
'ٻُڌائي ڇو نه ٿو؟'
'سارو سال مون کي ستائي به ٿو'
'اچا تائين رات جو دير سان اچي ٿو'
'ماني گرم ڪري ڏيڻ لاءِ جاڳندي ٿي رهان'
'ڪارائڻ لاءِ تنهنجي پويان ڊوڙندي ٿي وتان!'
'لِڪي لِڪي لڙڪ لاڙيندي ٿي رهان، تو لاءِ'
'سوچيو اٿئي، مون لاءِ ڪڏهن!'
'خير منهنجي لاءِ ته جيڪو ٿيڻو هو، سو ٿي چڪو'
'هاڻي ڇا ٿيڻو آ'
'بس تون خوش رهجانءِ،'
'منهنجي ته توکي اها ئي دعا آ.'
۽ اڄ! سموريون خوشيون ئي خوشيون آهن امان!
غم اهو نه آهي ته ڪو خوشيون ونڊڻ وارو به هجي ها
پر افسوس اهو آهي ته ڪو ته غلطين تي دڙڪا ڏيڻ وارو به هجي ها!
تون هجين ها ته مٿي تي هٿ ڦيري
پنهنجي نرم هٿن سان نرڙ تي بام مَلين ها!
آواز ڏئي صبح جو اٿارين ها!
ڏياريءَ تي ٽِڪو لڳائي، رپيو ڏئي چوين ها:
'وڏڙن کي جهڪي ملجانءِ، انهن جا پير ڇُهجانءِ ، انهن کان دعائون وٺجانءِ'
'ايندڙ ڏياريءَ لاءِ ڪپڙا ايندڙ سال ئي سِببا_'
پيڻ کي ستائيندو هوس ته چماٽون هڻندي هئي
بيمار ٿيندو هوس ته روئي روئي، نظر لاهيندي هئي
پڙهي موٽندو هوس ته هٿ منهن ڌوئاري ماني ڪارائيندي هئي
گهڙيءَ گهڙيءَ دعائون ڏيندي:
'هن کي نوڪري ملي، شل ترقي ڪري _'
دعائن لاءِ هٿ کڻندي، ٿوري دير لاءَ چُپ به ٿي ويندي هئي!
'ته ڇا ترقي ملندس ته گهر ڇڏي ويندو؟'
اهو سوچي، دروازي جي اوٽ ۾ ويهي، ڳوڙها ڳاڙيندي هئي!
او امان! سڀ ڪجهه آ امان، سڀ ڪجهه آ
اڄ هر ترقيءَ جي ريڪا تنهنجي پُٽن کي ڇُهندي رهي ٿي
پر بس تون ناهين
اي امان! تنهنجي تمام گهڻي ياد اچي ٿي!
تون ڏاڍو ياد اچين ٿي! تون ڏاڍو ياد اچين ٿي! ■

---

ڪتاب: "Mother Mary Comes to Me"-
ليکڪ: ارون دتي راءِ

# ماءُ جي درد ۽ جدوجهد جي آتم ڪٿا

سجاد ظهير



ارون ڌتي راءِ جو ڪتاب "Mother Mary Comes to Me" (مدر ميري ڪمس ٽه مي) سندس آتم ڪهاڻيءَ تي ٻڌل آهي، جنهن ۾ ليکڪا روايتي سوانح عمري يا قصا گهڙڻ بدران پنهنجي زندگيءَ کي تنقيدي بنيادن تي پيش ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ جتي زندگيءَ جي چنڊڇاڻ ڪئي وئي آهي، اتي فڪري سوالن کي پڻ پنهنجي يادن سان جوڙي علمي ۽ مشاهداتي بنيادن تي پيش ڪيو ويو آهي. ارون ڌتي راءِ، جيڪا پنهنجي تخليقن ۾ هڪ بهادر ليکڪا رهي آهي، سا پنهنجي تخليقي سفر ۾ عملي ڪارڪن پڻ رهي آهي. هن پنهنجي ڪتاب ۾ ماءُ کي هڪ عورت جي روپ ۾ پيش ڪيو آهي، جڏهن ته اسان وٽ، خاص ڪري ننڍي کنڊ ۾ عورت جو احترام انهن بنيادن تي ڪيو ويندو آهي يا ان جو پابند بڻايو ويندو آهي ته، هوءَ حوا جي ڌيءَ آهي، حيا جو استعارو آهي، ڀيڻ، ماءُ ۽ ڌيءَ آهي، پر ارون ڌتي راءِ پنهنجي يادگيرين ۾ ماءُ جي ڪردار کي هڪ جاکوڙي، محنتي، مزاحمتي ۽ ٻين فرقن کان مٿاهين حيثيت رکندڙ انسان طور پيش ڪيو آهي. سندس سوچ موجب، هر بهترين خاصيت هجڻ باوجود ماءُ هڪ الڳ وجود آهي، جيڪا هڪ عورت جي حيثيت سان ٻي ڊپي ٿي پنهنجي ٻارن جي پرورش، هڪ خودمختيار فرد طور ڪري ٿي.



هي ڪتاب اُن سماج جي انهن روايتي پاسن کي چئلينج ڪري ٿو، جن ۾ غربت، تڪليف ۽ محرومي کي تقدس جو لباس پارائي، ماڻهن کي ان تي خوش رهڻ جي تلقين ڪئي وڃي ٿي. ارون ڌتي راءِ انهن هٿ ٺوڪين بيانين تي بنيادي سوال اُٿاري ٿي. هوءَ بحث ڪري ٿي ته ڇا غربت جي خدمت جي نالي ۾ قائم ادارا واقعي ظلم ۽ استحصال جي نظام کي ٽوڙين ٿا، يا اهي ان کي وڌيڪ جواز فراهم ڪندي اخلاقي طور صحيح ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا؟ سندس نظر ۾ مسئلو ڪنهن هڪ فرد جي نيڪي يا بدي جو نه، پر ان سموري سماجي ۽ معاشي نظام جو آهي، جيڪو ڏک، محرومي ۽ اڻبرابري کي هڪ مستقل حالت طور انسان تي مڙهڻ ۽ ان کي فطري يا تقدير جو حصو بڻائي قبول ڪرائڻ چاهي ٿو. اهڙيءَ ريت سماج جا ٺيڪيدار ۽ بالادست قوتون ماڻهن کي صبر، قناعت ۽ تقدير جي نالي ۾ پنهنجي حالتن تي راضي رهڻ جو فلسفو سيکارين ٿيون، جڏهن ته ارون ڌتي راءِ اهڙي سوچ کي چئلينج ڪندي انصاف، برابري ۽ انساني وقار جي حق ۾ آواز بلند ڪري ٿي.

ارون ڌتي راءِ موجب مسئلو ڪنهن هڪ فرد يا اداري تائين محدود ناهي، پر اهو هڪ اهڙي فڪري ۽ سياسي ڍانچي سان لاڳاپيل آهي، جيڪو خيراتي سرگرمين کي سماجي انصاف جو متبادل بڻائي پيش ڪري ٿو. سندس نظر ۾ اهڙو رويو سماج ۾ موجود طاقتور طبقن ۽ سامراجي مفادن سان جڙيل آهي، ڇاڪاڻ ته ان سان استحصالي نظام ۽ طاقت جي اڻبرابريءَ تي ڪو به بنيادي سوال نٿو اٿي، پر موجوده ڍانچي کي اخلاقي جواز مهيا ٿئي ٿو.

هن ڪتاب جو اهم پاسو نظرياتي ايمانداري، سماجي تضادن کي وائکو ڪرڻ ۽ رائج متييدن تي ٻڌل نظام تي سوال اُٿارڻ جي جرئت آهي. ارون ڌتي راءِ پڙهندڙ کي مجبور ڪري ٿي ته هو اکين تان پردا هٽائي حقيقتن کي تنقيدي نظر سان ڏسن. هوءَ اخلاق کي جذباتي نعريبازيءَ کان الڳ ڪندي سماجي انصاف، سياسي ذميواري ۽ انساني وقار جي بنيادن تي پرکڻ جو پيغام ڏئي ٿي. سندس نظر ۾ حقيقي اخلاق اهو آهي، جيڪو ظلم، اڻبرابري ۽ استحصال جي سببن کي سمجهڻ ۽ انهن کي چئلينج ڪرڻ جي همت پيدا ڪري، نه ڪي همدرديءَ يا خيراتي جذبن تائين محدود رهي.


هيءُ ڪتاب سنجيده پڙهندڙن، علم سان چاهه رکندڙن ۽ سماجي تضادن تي سوال اُٿارڻ جي جرئت ڪندڙن لاءِ هڪ فڪري نصاب جي حيثيت رکي ٿو، جيڪو ننڊ پيل ضمير کي جاڳائي سوچ جا نوان در کولي ٿو. هيءُ ڪتاب اهڙين تحريرن جو مجموعو آهي، جيڪي اسان کي سيکارين ٿيون ته خيرات ۾ مليل همدردي، همدردي کان وڌيڪ خيرات ئي هوندي آهي، جڏهن ته حقيقي انسان دوستي سماجي انصاف، برابري ۽ استحصال جي خاتمي جي جدوجهد ۾ سمايل هوندي آهي. ارون ڌتي راءِ جو بنيادي پيغام اهو آهي ته اصل خدمت مظلوم جي ڏک، تڪليفن ۽ ڏوجهرن جي سببن کي ختم ڪرڻ ۽ اهڙي نظام جي تبديلي لاءِ جدوجهد ڪرڻ ۾ آهي، جيڪو انهن ڏکن کي جنم ڏئي ٿو.

تبصري کان پوءِ نتيجو ڪڍجي ته هيءُ ڪتاب صرف هڪ آتم ڪٿا نه، پر پنهنجي ذات، سماج، مذهب، سياست ۽ طاقت جي لاڳاپن تي هڪ فڪري بحث آهي. ارون ڌتي راءِ پنهنجي ذاتي تجربن کي اهڙيءَ ريت پيش ڪري ٿي، جو اهي هڪ فرد جي يادگيرين تائين محدود نه ٿا رهن، پر سڄي سماج جي تضادن، ناانصافين ۽ اخلاقي دعوائن جي پرک جو وسيلو بڻجي وڃن ٿا. sajjadz_2006@yahoo.com ■

## جاپان جو سفرنامو _ 11 ۽ آخري حصو

# جاپان مان واپسي

قربان منگي





2 اپريل 2026ع تي اسان کي جاپان کي الوداع چوڻو هيو. مان رات جو سوير سمهي پيو هيس، ۽ صبح جو سويرَ سجاڳ ٿي ويس. سڀُ سُتا ئي پيا هئا جو مون ڪمري جي (حسب هدايت) صفائي ڪئي. ڪو ايڏو گند ڪچرو ته ڪو نه هيو، پوءِ به مروڙيل سروڙيل ٽشو پيپر ۽ پاڻيءَ جون خالي بوتلون ميڙي سيڙي ڊسٽ بن ۾ وڌم. ائين ڪندي شباب به پهچي ويو. مون کي صفائيءَ ۾ مصروف ڏسي چيائين، "سڀ ڪان پهريان بوتلن جا ڍڪڻ لاهي، ان ڪان پوءِ بوتلن کي مروڙي سروڙي چپو ڪري شاپَر ۾ وجهه. ان ڪان پوءِ اهي شاپر گهر ٻاهران هِڪَ پاسي لڳل لوهه واري جهنگلي ۾ وجهه. بلڪل ائين پاڻيءَ جي بوتلن وارا ڪارٽن به چِپا ڪري جهنگلي، جي حوالي ڪري اچُ."

مون ائين ئي ڪيو جو هتان جي روايت آهي ته گهر ڇڏڻ وقت هر ڪنهن کي پاڻ پنهنجي هٿن سان اهو ڪم ڪرڻو هوندو آهي. جاپان ۾ ڪيترين ئي اهڙيون روايتون نظر آيون، جيڪي بظاهر ته ننڍڙيون ۽ غير اهم لڳنديون، پر انهن جي پويان هڪ ڀرپور سبق موجود آهي.

اسان کي مهل سان ايئرپورٽ پڄڻو هيو. وٺ پڪڙ لڳي پئي هئي. هر ڪوئي پنهنجا ٿين ٽپڙ سهيڙڻ ۾ مصروف هيو، جو اوچتو صديق بگٽيءَ جي صدا بُلند ٿي: "مان وهنجندس!"

"اڙي بابا! وقت ڪونهي، اسان مان ڪوئي ناهي وهنتو ۽ نه ئي وهنجڻ جي ايڏي ضرورت به محسوس ٿئي ٿي، پر جي توکي لازمي وهنجڻو ئي هيو ته سويرَ ڀرو اٿي اهي خفا لاهي ڇڏين ها!"

سيني کيس سمجهايو، مس وڃي پهلوان ڳالهه مڃي. ايئرپورٽ روانا ٿياسي. شباب ايئرپورٽ تي بورڊنگ پاس واري مرحلي تائين اسان سان گڏ رهيو ۽ پوءِ اسان ڪان ڪلي موڪلايائين. اسان سندس بيحد ٿورا مڃيا ۽ سنگت لاءِ پڻ اهڙن جذبن جو اظهار ڪندي کيس سيني سڄڻن لاءِ سلامَ چيا.

بورڊنگ پاس الاٽمينٽ وقت مائيءَ کي چيوسي ته، قرب ڪري دريءَ واريون سيٽون ڏي. دريءَ واري پاسي ويهڻ جو به الڳ مزو آهي. ڪار هجي يا ويگن، ڪوچ هجي يا ٽرين ... يا وري جهازُ..

مائيءَ مُرڪندي چيو: "توهان جو سيٽون پاڪستان مان ئي (ريزرويشن وقت) الاٽ ٿيل آهن، سو انهن ۾ ڦير گهيرَ نه ٿي سگهندي."

اسان به "جيڪو نصيب" چئي چُپ ڪئي.

بورڊنگ پاس وٺي لائونج ۾ داخل ٿياسي. اوساڪا ايئرپورٽ تي سوين دڪان پڪڙيا پيا هئا. فوڊ شاپ، وائين شاپ، سووينئر شاپ ۽ گفٽ شاپ. اسان لائونج ۾ ڦيرا ڏيندا رهياسي. جلد ئي بورڊنگ شروع ٿي وئي. جهاز ۾ ويٺاسي. جهازُ بينڪاڪ ايئرپورٽ لاءِ اڏاڻو. جاپان جي ڌرتيءَ کي "باءِ باءِ" ڪيوسي.

جهاز ۾ ويهندي ڌهن منٽن ۾ ڪاڏو اچي ويو. ايئر هوسٽيس سڀ ڪان پهريان "مسلم فوڊ" جو ڪنفرم ڪري، ماڻهو ڳڻي وئي. سڀ ڪان اڳ اسان کي اهو ڪاڌو ڏنو ويو، ان ڪان پوءِ باقي بچيل خلق کي "جنرل فوڊ" ڏنو ويو.

ڇهن ڪلاڪن جو سهاڻو سفر ڪري اچي بينڪاڪ ايئرپورٽ تي لٿاسي. ڪلاڪ ڪن لائونج ۾ ئي رهياسي، فاسٽ فوڊ شاپ تان هلڪو ڦلڪو ڪاڌو وٺي ڪاڌوسي ۽ سُتت ئي اسان جي ڪراچيءَ لاءِ فلائيٽ تيار ٿي وئي. جهاز ۾ چڙهياسي ۽ رات جو ڏهين وڳي ڪراچي ايئرپورٽ تي لٿاسي.

ايئرپورٽ تي منهنجي ڀائٽي اختر منگيءَ پاران موڪليل ٻه گاڏيون (ڪار ۽ ڪيري) اسان جي انتظار ۾ بيٺيون هيون. اختر پاڻ ڪنهن ڪم سانگي خيرپور ويل هيو. سندس غير موجودگي، اسان کي "ٻارن جي رماند هوم" جي ملازمن لڪائڻ ئي نه ڏني. رماند هوم تي پهتاسي. رات جي مانيءَ جو ڀلو انتظام ٿيل هُيو. مانيءَ مان مَس واندا ٿياسي ته، ملهه پهلوانن جي فرمائش سامهون اچي وئي: "اسان ڪراچيءَ جي ڦلاٽي علائقي ۾ پنهنجن دوستن ڏانهن ويندا سين. رات اتي رهنداسي."

مون ۽ سعيد کين سمجهايو ته، "هِڪُ ته رات جا 12 ٿي رهيا آهن، هن وقت ڪيئن اتي ويندؤ؟ ٻيو ته سڀاڻي صبح ڪان شام تائين اسان جا ٽي گڏيل تقريبن رٿيل آهن. صبح سان راندين واري وزارت ۾ منور علي مهيسر صاحب هڪ شاندار تقريب رکرائي آهي، جنهن ۾ راندين وارو وزير به شامل ٿيندو، تنهن بعد جاپاني قونصل خاني ۾ عظمت اتاڪا صاحب هڪ مختصر تقريب رکرائي آهي، تنهن بعد پي ٽي وي ڪراچيءَ تي ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ سولنگي صاحب ۽ امجد حسين شاهه صاحب اسان سيني جو گڏيل انٽرويو رکرايو آهي..... سو سڀاڻي صبح ساڻ پاڻ ڪيئن گڏجي سگهنداسي؟ وقت هيٺ مٿي ٿي ويندو. ڏکيا ٿينداسي. بهتر اهو آهي ته اڄوڪي رات اسان سان گڏ گذاريو. سڀاڻي خير سان اهي تئي ڪمَ ٿي وڃن، پوءِ جاڏي دل ڪريوَ هليا وڃجو..."

اسان جي ڳالهه پهلوانن کي پلئه پئي ۽ هُو رات رماند هوم تي ئي رهڻ لاءِ راضي ٿي ويا. اسان شڪرانا بجا آندا ۽ سموريون ٿڪاوٽون ساڻ ڪري سمهي پياسي.

چوندا آهن ته ميلي جي موٽ چڱي ناهي ٿيندي، پر اسان جي ميلي (پاڪستان جاپان ڪلچرل فيسٽيول) جي موٽ ان حوالي سان به ڏاڍي چڱي ٿي، جو 3 اپريل 2026ع تي ڪراچيءَ ۾ آخري ڏينهن به تمام گهڻو مصروف ۽ ڪارائتو گذريو. اڄ اسان کي ٽن تقريبن ۾ شرڪت ڪرڻي هئي.

رماند هوم تي صبح جو نند مان اٿي، تيار ٿي نيرن ڪئي سون. ان ڪان پوءِ ڊان اخبار جي آفيس ۽ جناح ڪورٽس جي وچ ۾ واقع راندين واري وزارت جي قائم ڪيل اسٽيڊيم پهتاسون. ان ئي اسٽيڊيم ۾ هڪ خوبصورت آڊيٽوريم، رانديگرن جي رهائش لاءِ هاسٽل ۽ ان کاتي جي سيڪريٽريءَ جي آفيس واقع آهي.

راندين ۽ نوجوانن جي معاملن واري کاتي جي سيڪريٽري منور مهيسر صاحب اسان جي آجيان ڪئي. سيڪشن آفيسر اسپورٽس علي ڏنو گوپانگ به موجود هيو، جنهن ٻن ملهه پهلوانن جي ٽڪيٽ واري مد ۾ اسان جو ساٿ ڏنو هو. آڊيٽوريم ۾ هڪ مختصر پر، پروقار تقريب ٿي. راندين ۽ نوجوانن جي معاملن واري کاتي جو وزير محمد بخش مهر خاص مهمان هيو. ان وقت هاسٽل ۾ رهيل نوجوان رانديگرن (ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين) به ان تقريب ۾ شرڪت ڪئي. مختلف ٽي وي چينلز جا نمائندا به موجود هيا. وزير، سيڪريٽري ۽ ٽنهي ملهه پهلوانن کي اسٽيج تي ويهاريو ويو. سعيد ان موقعي تي پنهنجي سفر، فيسٽيول ۽ ملهه پهلوانن جي ڪارڪردگيءَ جو مختصر احوال ڏنو. اسان جي وفد کي مڃتا سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا. محرم مجيداڻي کي کاتي پاران 50 هزار رپين جو چيڪُ انعام طور ڏنو ويو.

وزير پنهنجي تقرير ۾ چيو ته، "کاتي طرفان ملهَه پهلوانن، ملهه راند جي سهائتا لاءِ جوڳا قدم کنيا ويندا ۽ نوجوان ملهه پهلوانن جي تربيت لاءِ ڪو ادارو ٺاهيو ويندو."

تقريب ڪان پوءِ منور مهيسر صاحب جي آفيس ۾ ئي اسان لاءِ مانجهاندي جو اهتمام ٿيل هو. منور مهيسر صاحب ڪان موڪلائي منجهند جو ادائي وڳي اسان جاپاني قونصل خاني پهتاسون، جتي قونصل جنرل هيٽوري (Hattori)سان اسان جي ملاقات رٿيل هئي. اها هڪ سنڌن ٿورو مڇڻ واري ملاقات هئي ته جيئن اسان کيس جاپاني دوري جو حال احوال به ڏئي سگهون. عظمت اتاڪا صاحب اتي اڳواٽ پهتل هيو. هو اداڻي وڳي اسان جي آجيان ۾ بيٺو هيو. اسان سيني جا موبائيل فون ٻاهر رکيا ويا ۽ پوءِ اسان قونصل جنرل سان مليا سون. اردو ۽ انگريزيءَ ۾ حالَ احوال ٿيا. قونصل جنرل جو سيڪريٽري ان موقعي تي فوٽوگرافي به ڪندو رهيو.

مون هيٽوري صاحب کي ٻڌايو ته، مان 1991ع ۾ جاپان جي دؤري تي ٽڌهوڪي وليعهد جي دعوت تي ويو هيس ۽ ساٽس شاهي محل ۾ ملاقات ٿي هئي. اها تصوير ڏيکارڻ تي هو ڏاڍو خوش ٿيو. ان وقت جيڪو جاپان جو وليعهد هيو، اهو هينئر جاپان جو بادشاهه آهي.

قونصل خاني ۾ ڪلاڪن ڪن ڪچهري ۽ ريفريشمينٽ ٿي، جنهن بعد موڪلايوسين. اتان ئي سڌو پي ٽي وي ڪراچي مرڪز پهتاسون، جتي ڊاڪٽر غلام مصطفي سولنگي انتظار ۾ ويٺو هيو. سِيٽُ رڪارڊنگ لاءِ تيار هيو ۽ اسان پنجن ئي جو انٽرويو ٿيڻو هو. نوجوان شاعر امر پيرزادو (جيڪو انور پيرزادي صاحب جو پٽ آهي) ان پروگرام جو ميزبان هيو. ڪچهريءَ ۾ جاپان جي دؤري ۽ ملاڪڙي جي حوالي سان تفصيلي ڳالهه ٻولهه ٿي.

پي ٽي ويءَ تان موڪلائڻ ڪان پوءِ سعيد کي رماند هوم ڇڏيوسي، جتي سندس سامان پيو هو. اُتان کيس ٽيڪسيءَ وسيلي ڄامشوري پنهنجي گهر وڃڻو هو. ملهَه پهلوانن کي صدر ۾ مسافر ڪوچ ۾ ويهاريوسي ۽ مان پاڪستان چوڪ تي پنهنجي فليٽ تي هليو آيس. شامَ ڪان رات تائين جا ڪجهه ڪلاڪَ اتي گذاريم، پوءِ رات جو سٽي ريلوي اسٽيشن تان سکر ايڪسپريس ۾ چڙهي پيس.

4 اپريل جو سج خيرپور ريلوي اسٽيشن تي اُڀريو. ■



## پرڏيهي ڪهاڻي جو خلاصو

# چينياٽي

ڪهاڻي: ڊاڪٽر سَنڌيا سنگهه

ترجمو: سُڪار جاکرو

تنهن ڏينهن وڏ ڦڙو بس ئي نه پيو ڪري. يادن جي مينهن سان گڏ، سنگاپور جي خوبصورتي ۽ چمڪ ڌمڪ جي پويان لڪيل تلخ حقيقتون وويڪ جي دل ۽ دماغ تي پنهنجا ڇٽ ڇٽي رهيون هيون.

وويڪ تازو ئي ڀارت مان پنهنجا نوان خواب ۽ اڻ ڪٽ اميدون کڻي سنگاپور پهتو هو. هن نئين ملڪ ۾ هو بنهه اڪيلو هو. پنهنجي نئين نوڪري ۽ ماحول سان ٺهڪڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو.

جمعي جي شام هئي، جڏهن هو آفيس مان نڪري پنهنجي عارضي ٺڪاڻي 'بون لي' ڏانهن وڃڻ لاءِ ميٽرو ٽرين ۾ سوار ٿيو. ٽرين ۾ ڏاڍي رش هئي. هن فون تي پنهنجي ماءُ سان ڳالهائڻ چاهيو، پر ماحول جي تنگيءَ کيس پنهنجو اهو خيال بدلائڻ تي مجبور ڪيو. هو پنهنجي آس پاس جي ماحول ۽ ماڻهن جو جائزو وٺڻ لڳو. کيس حيرت ٿي ته جديد ٽرين ۽ ترقي يافته ملڪ جون اهي شاندار ميٽرو ٽرينون ماڻهن سان ڀريل ته آهن، پر هر ڪنهن جي منهن تي هڪ پراسرار خاموشي ۽ اڪيلائي ڇِتيل هئي. پنج هڪ جيڏيون عورتون گڏ هوندي ڳالهائڻ ته نه هيو هڪ ٻئي ڏانهن نهاري به نه رهيون هيون. هو سوچڻ لڳو ته، ڇا هيءَ ٽيڪنالوجي جي دؤر جي مادي پرستي آهي يا ماڻهن جون دليون ئي اڏمن ڪان آجيون آهن؟

ايتري ۾ اسٽيشن جو اعلان ٿيو— "نيڪسٽ اسٽاپ، بون لي." وويڪ پنهنجي بئگ سنڀاليندي دروازي ڏانهن وڌيو. هو پنهنجي علائقي جي باري ۾ سوچڻ لڳو، جنهن کي هن جا آفيس جا ساٿي 'غريبن جو علائقو' چوندا هئا. اها به هڪ عجيب ڳالهه هئي، ڇو ته سنگاپور جهڙي امير ملڪ ۾ غريبي جي وجود جو تصور ئي تضاد سان ڀريل لڳندو هو.

جيئن ئي هو اسٽيشن ڪان ٻاهر نڪتو ته سندس اکيون پاڻمرادو پوڙهي چيني عورت کي ڳولڻ لڳيون. اها عورت پوين ڪجهه ڏينهن ڪان هن جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪرائيندي رهي هئي. کيس پراڻا چپل ۽ وڳا پاتل هئا. سنگاپور جون جديد ۽ فيشن پرستي سان سينگاريل چيني عورتون، جتي پنهنجي خوبصورتي تي بي پناهه خرچ ڪن ٿيون، اتي هيءَ ضعيف عورت سماج جو ٻيو اونداهو رخ هئي.

هن جي هٿن ۾ هڪ ميڪانيڪل چمٽو هوندو هو، جنهن سان هوءَ ڏينهن رات ڪچري جي دٻن مان ايلومينيم جا خالي ڪين ۽ ري سائيڪل ٿيندڙ شيون ڳولي ڪڍندي هئي. هوءَ وڏي ڦرتيءَ سان ڪين کي اٿلائي پٿلائي، فرش تي رکي پيرن يا هٿن سان ٺوڪي تراڪڙو ڪندي هئي ۽ پوءِ اهو پنهنجي بئگ ۾ وجهندي هئي. انهن ڪينن کي بازار ۾ وڪڻي پنهنجي روزي ڪمائڻ ئي هن جي زندگيءَ جو واحد سهارو هو. وويڪ سوچڻ لڳو ته، ڪراڙپ هر سماج لاءِ هڪ بار ڇو بڻجي ويندي آهي؟ مستقبل کي ته هر ڪو پيار سان پاليندو آهي، پر ماضيءَ کي سڀ وساري ڇڏيندا آهن.

انهن ئي خيالن ۾ ٻڏل وويڪ پنهنجي ماءُ کي فون ڪئي. ماڻهس اٺندي ئي سوال ڪيو: "پٽ، ڪيئن آهين؟ ماني کاڌئي؟" هن جي دل کي هڪ عجيب سڪون مليو. وويڪ پنهنجي ماءُ کي پرڏيهه جي هن ڏکوئيندڙ حقيقت بابت ڪجهه نه ٻڌايو، ڇو ته هِن پنهنجي ماءُ جي، ذهن ۾ پرڏيهه جي شاندار تصوير کي خراب ڪرڻ نه پئي چاهيو. ٿوري دير ماءُ سان ڳالهائڻ ڪان پوءِ هن فون بند ڪئي.

هن پنهنجي خشڪ ڳلي کي آلو ڪرڻ لاءِ هڪ 'هني ليمن ٽي' جو ڪين خريد ڪيو. چانهه پيئندي سندس اکيون ٻيهر ان چيني پوڙهيءَ کي ڳولڻ لڳيون. مينهن وسندي هوءَ ڪٿي هوندي؟ هن جا ته ڇتي سنڀالڻ لاءِ هٿ به خالي نه هوندا. هوءَ ڪٿي رهندي هوندي؟ اهو سوچيندي هو چانهه پي پنهنجو خالي ڪين ڪچراڪونڊي ۾ اڇلائڻ ئي وارو هو ته ان پوڙهي چينياٽيءَ هن جي هٿ مان، بلڪل احترام سان اهو ڪين جهٽي ورتو. وويڪ جي دل چيو ته، هو کيس روڪي ۽ ڪائنس پڇي ته: "امان! هن عمر ۾ اوهان کي هي ڪم ڇو ٿو ڪرڻو پوي؟ ڇا اوهان جا ٻار اوهان جو خيال نٿا رکن؟"

پر ٻوليءَ جي ديوار ۽ سماجي حدن کيس جهلي ورتو. وويڪ پنهنجيءَ دل کي آٿت ڏني، ڇڳو ئي ته آهي جو هوءَ ڪنهن آڏو هٿ ٽنگڻ بدران پورهيو ڪري پنهنجو پيٽ پالي رهي آهي. هو انهي ئي خيال ۾ هو ته اها پوڙهي چينياٽي اڳتي وڌي، ٻئي ڪنهن شخص جي هٿ ۾ پڪڙيل ڪين جي خالي ٿيڻ جو انتظار ڪرڻ لڳي. ■

## ڪتاب: بيدار جعفري املهہ انسان (مختلف ليک) _ سهيڙيندڙ: نفيس فاطمہ جعفري

# ’هُو آيو، ڇائنجي ويو ۽ الوپ ٿي ويو‘
# بيدار جعفريءَ جي زندگيءَ جا ورق ورائيندڙ هڪ اهم ڪتاب

ذوالفقار ناصر ساريو



ٻن گهٽ پنجاهہ سالن پڃاڻان جو وقت هڪ وڏو عرصو هوندو آهي. اڇي گولڊن جوبليءَ واري جبل سان ملندو آهي، هو بہ ايئن ديدار پناڻ ٻٽجي سيهڙ ڳوٺ ڇڏي اچي سيوهاڻي سڙڪ جي ڪنڌ تي آخري جهڳي ٺاهي وينو هو. بابا کي اباڻي ڪرت سان لڳائي، پاڻ ڪتاب ڪڇ ۾ ڪري، گهٽين واري دز اڏائيندو شهر جي ٻي ڪنڌ تي باڊهہ هاءِ اسڪول جي پهرين ڪنڌ واري ڪلاس جي پهرين بينچ تي وينو هو. ڪتابن واري گودڙيءَ ۾ نصابي ڪتابن سان گڏ ادبي ڪتاب بہ ڪٽي آيو هو ۽ پوءِ ”گل ڦل“ جي ڦلواڙي وڌندي وئي، گل مهڪڻ لڳا. رسالن ۽ اخبارن تائين پهچ جا ڏانءَ بہ سندس ڏسيل هيا. حسام سومرو کان وٺي محمد خان شيخ تائين، هلال پاڪستان، آفتاب ۽ ٻين اخبارن کان وٺي گل ڦل، گلن جهڙا ٻارڙا ۽ ڇٽنگتائين ۽ ناز سنائي کان وٺي اياز لطيف پليجو تائين پهچ ۽ سڃاڻپ شهر جي نئين ٿهيءَ ۾ هن سٺائي ڪئي هئي. ”ديدار پناڻ“ کان ”بيدار جعفري“ واري اڏام ۾ ڪونجن جي هڪ نئين قطار ٺاهي سنڌيءَ سان گڏ اردو ۽ انگريزي صحافتي ڪيتر ۾ بہ پنهنجو هڪ مقام ٺاهيو هئائين. اها بيدار جعفري جي سڦلتا جي امرتا ڪهاڻي هئي، جنهن جي امرتا ڪيس سندس نياڻي پروفيسر نفيس فاطمہ جعفريءَ سندس ان ڪاروان جي مسافرن کان ويچار وٺي، سهيڙي ڪتاب: ”بيدار جعفري املهہ انسان“ ۾ سانديا آهن.

**نفيس فاطمہ، پنهنجي بابا سان ڪيترو پيار ڪندي هئي يا سندس بابا بيدار جعفري پنهنجي هن اکين ۾ سجايل خوابن واري ساپيان نفيس فاطمہ کي ڪيترو ويجهو رکندو هو، اهو ڪتاب جي پوئين صفحي تي ڊاڪٽر شير مهراڻي جي لفظن سان گڏ ڇٽو عڪس تصوير مان ظاهر آهي. بيدار جعفريءَ جي وڇوڙي کان پوءِ سندس وشال دل جي آباد شهر جي ماڻهن جا تاثرات ۽ گذاريل ڪي گهڙيون، ڪي يادون هن ڪتاب ۾ سانديون ويون آهن.**

بيدار جعفري تہ پنهنجي هوندي ڪوڙ سارين اخبارن، ڪتابن ۽ رسالن ۾ لکڻين سان گڏ، علم ۽ ادب جو ڪتابي سلسلو ”انسانيت،“ باڊهہ جي ادبي، سماجي ۽ سياسي تاريخ تي ڪتاب ”باڊهہ بوند بهار“ ۽ عزا داري“ تي ”رڻ سڃوئي رت ڦڙا“ (ترجمو) جهڙا ڪتاب ادبي شيلف ۾ سجائي ويو هو ۽ هيءَ سندس نياڻي نفيس فاطمہ جعفريءَ جي هڪ پيتا آهي، جيڪا هن پنهنجي بابا جي وڪريل محبتن ۽ محنتن کي هڪ هنڌ گڏ ڪري کيس ڏيئي، پنهنجو فرض بہ پورو ڪيو آهي، تہ قرض بہ.

نفيس فاطمہ، پنهنجي بابا سان ڪيترو پيار ڪندي هئي يا سندس بابا بيدار جعفري پنهنجي هن اکين ۾ سجايل خوابن واري ساپيان نفيس فاطمہ کي ڪيترو ويجهو رکندو هو، اهو ڪتاب جي پوئين صفحي تي ڊاڪٽر شير مهراڻي جي لفظن سان گڏ ڇٽو عڪس تصوير مان ظاهر آهي.

بيدار جعفري اڪيڊمي نالي اداري پاران بيدار جعفريءَ جي ڪيل ادبي، صحافتي، مذهبي ۽ سماجي ڀلائيءَ بابت ڪاوشن جي اپٽار کي سانڍڻ جي هيءَ هڪ ڪڙي آهي. بيدار جعفريءَ جي وڇوڙي کان پوءِ سندس وشال دل جي آباد شهر جي ماڻهن جا تاثرات ۽ گذاريل ڪي گهڙيون، ڪي يادون هن ڪتاب ۾ سانديون ويون آهن.

ڊاڪٽر عابده گهانگهرو مهاڳ ۾ بيدار جعفريءَ جي جيوتيءَ واري جدوجهد کي جڳ جهان آڏو ڇٽو ڪيو آهي. هوءَ لکي ٿي تہ: ”بيدار جعفري علم جو عاشق هو، عورتن جي ترقيءَ جو حامي هو ۽ هڪ نهٺو ۽ نفيس انسان هو. هن جي فڪري گودڙيءَ ۾ ڪتابن سان گڏ انساني ڀلائيءَ جون انجمنون گڏ هلنديون هيون.“ ۽ اهو واقعي سچ هو.

”هينئڙو مون لوڻ ٿئي،“ نفيس فاطمہ جي درد ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ سندس بابا جي خالي ڪرسيءَ کان ويندي خالي اڱڻ جو درد آهي. هوءَ اسان سان پنهنجي بابا جون ڳالهيون ڪرڻ گهري ٿي. هوءَ بابا جي جيون گاڏيءَ وارو سفر، اسٽيشنن تي رهاڻيون ۽ پڃاڻيءَ وارو سفر اسان سيني سان ونڊڻ چاهي ٿي. هن جي اکين ۾ ڳوڙها آهن، پوءِ بہ هوءَ اسان سان پنهنجي بابا جون ڳالهيون ڪندي، اسان کي ان سان ملائڻ لاءِ وادي حسين ع واري پاتار واري ميوزيم ڏانهن وٺي ٿي اچي.

سائين بيدار جعفري گهڻ رخي شخصيت هو. سائين انور عسڪري سندس ذاتي تعلقاتن جو ذڪر ڪري ٿو تہ وري ڊاڪٽر عنايت حسين لغاري ساڻس 15 سالن جي رفاقت سان گڏ سندس آخري ڊجيٽل پيغام پڻ اسان کي ڏيکاري ٿو.

”هوت ڪجان نہ حساب، آئُون تہ ڏوهي آهيان،
ميري سنڌءِ من ۾، ناهي ڪو ثواب،
جانب ڪهڙو جواب، ڏيندس هر هڪ ڏوهہ جو.“

پروفيسر رياض مهدي ساڻس ڪيل سفر جو سارو ٽيون ساري ٿو تہ پروفيسر مشتاق مهر سندس نياز ۽ نوڙت جي واکاڻ ونڊي ٿو. بيدار جعفريءَ جو وڇوڙو سندس هڪجيڏن ۽ دوستن کي جهوري ويو آهي. ادا انور ابڙو 1982ع جي شاگرديءَ جون ڪاليج ڪچهرين کان ويندي، ڳوٺ ۾ بيدار جعفريءَ جي ماستريءَ جي ڊيوٽيءَ کان موٽندي مانجهاندو ڪرڻ سان گڏ ڪراچيءَ جو جاڪوڙي صحافي بڻجي صحافتي دور جي درد جون ڪٿائون ٻڌائيندي کيس هيئن ڀيٽا ڏئي ٿو تہ: ”بيدار جعفري اهو انسان هو، جنهن جي زندگي لڳاتار محنت هئي، پورهيو هئي. مات ڪري نہ وينو. ادب، صحافت، تدريس، اسڪول کولڻ ۽ تعليم عام ڪرڻ سندس زندگي جو بنيادي مقصد رهيو هو. سندس لاڏاڻي جيءُ جهوري وڌو آهي.“

شير محمد کهاوڙ سندس روحاني ۽ فڪري دوست رهيو آهي. بيدار جعفريءَ جون ساروٽيون ۽ ساڻس گهاريل گهڙيون هن کان ڀلا ڪٿي ٿيون وسري سگهن.


”هو رڳو اسان جي صحافتي ۽ عزاداراڻي سفر جو ساٿي نہ پر نماز شب جو بہ ساٿي هيو...“

مولائي ملاح درياهہ پار جي شهر جي هڪ شهر جو صحافي آهي. ڪراچيءَ ۾ جڏهن مختلف اخبارن جي نيوز ڊيسڪ سنڀاليندو هيو تہ سنڌ جي نون ۽ سيڪڙات صحافين جي اهڙي تہ سکيا ڪيائين جو هو هن جي پنهنجائپ جا قيدي بڻجي ويا هئا. مولائي ملاح بہ قاضي احمد مان سندس قرب جو قيدي دوست رهيو. راشد لڪمير سندس شخصيت کي هن خوبصورت جملي ۾ قيد ڪري ڇڏيو آهي تہ: ”تهمتن جي اُس ۾ بيٺل ڇانوري جهڙو شخص...“ اها حقيقت بہ آهي تہ لوڪ ڀلا ڪٿي ٿو ڪنهن کي سهي. ڪوڙ الزام، ڪوڙ بهتان، پوءِ بہ هو سيني لاءِ ڇپر ڇانو هو. صحافي جاويد مهر ۽ ڊاڪٽر جاويد شيخ سندس سچ اخبار واري سفر کان سندس سچ ڳالهائڻ تائين پنهنجا ويچار ونديا آهن، تہ آصف رضا موريو هن جي جيوتيءَ جي اپٽار ڪئي آهي.

”حميد ناز، تون پڙهيل لکيل نوجوان آهين، محنت ڪندين تہ ضرور پنهنجو مقام حاصل ڪندين. پهرين پڙهہ، گهڻو پڙهہ، جيترو پڙهندين اوترو سهڻو ۽ سنو لکندين.“ اهي اتساهہ ۾ اوتيل لفظ بيدار جعفريءَ جا هيا اڄ جي نالي واري صحافي حميد ناز سومري لاءِ، جنهن سندس ڏسيل ۽ ڏيکاريل دڳ وٺي صحافت ۾ پنهنجي هڪ جڳهہ ٺاهي ورتي آهي.

زهير حسين حيدريءَ جو ساڻس اڌ صديءَ جو سفر بہ هڪ اڻ وسرندڙ باب آهي.

ياسر قاضي، مسرور سيال، سجاد ظهير، ذوالفقار ناصر ساريو، واحد پارس هيسباڻي، خاصخيلي لطيف راولاڻي، امتياز دانش، منصور مغيري، پنهل ساريو، اعجاز ممناڻي، نذير حيدري، زڪيا شاهنواز ٽالپر، مرزا صفدر حسين صيفي، فرهاد جيلاني، ادي فوزہ ڏهر، شفقت نوناري، رجب علي پنڊ، وزير علي عاجز ڪربلائي، علي نواز مهراڻي، مسرور ملاح، علمدار مهدي (پٽ)، موسيٰ ڪاظم جعفري (پٽ)، علي تقي عابد جعفري (پٽ)، رابعہ محسن علي پنڊ، ڊاڪٽر زاهد حسين پناڻ (ڀاءُ)، ڊاڪٽر محمد بخش آزاد عباسي، آغا




ذوالفقار علي پناڻ، فرحان علي، آغا طارق پناڻ، اياز علي اوڊو، سيد فضل حسين شاهہ، رياض بلوچ، غلام رضا چانديو، مختيار عباسي، سامي ميمڻ، پير بخش حمائتي، غلام النبي حمائتي، ذيشان ابڙو، رضوان سولنگي، مشتاق علي خواجا، سيد صادق نقوي، حاجي امداد لوهر، ارشاد انصاري، فقير مقبول حسين گاڏهي، انجنيئر جميل انصاري ۽ محسن علي ميراڻيءَ سان گڏ الطاف حسين پناڻ، زيب ساريو، شبير حيدري، علي گوهر شاهہ، باڊهہ ڊيولپمينٽ سوسائٽي ۽ باڊهہ ٽرسٽ فورم جو هڪ ڏکو تعزيتي قافلو آهي، جيڪو ننڍڙي نياڻي نفيس فاطمہ جعفري جو هن ڏک واري سفر ۾ پرڇهلو آهي.

سنڌي ادب ۾ جيون ڪٿا واري شيلف ۾ هيءُ ڪتاب بہ رکي سگهجي ٿو، پر اڃان هن ڪتاب ۾ بيدار جعفريءَ جون سندس ذاتي ڊائري مان ڪجهہ لکڻيون شامل ڪجن ها تہ هڪ مڪمل ڪتاب _ جيون ڪٿا واري شيلف ۾ سجائجي وڃي ها. ڪتاب ۾ ڏنل بيدار جعفريءَ جون ڪجهہ تصويرون ڪتاب جي سونهن آهن.

عادل قريشي، ڊاڪٽر علي جان ٻرڙو، مسرور ملاح، پارس بتول ابڙو ۽ پروفيسر مشتاق مهر جي هيءَ منظوم ڀيٽا بہ بيدار جعفريءَ جي هڪ مڃتا آهي:

”سنڌڙي کان موڪلائي ”ديدار“ اڄ هليو ويو،
سهڻو خطيب، صاحب گفتار اڄ هليو ويو،
”بيدار جعفري“ هو علم ۽ ادب جو گوهر،
ڇئبو تہ علميت جو ڀندار اڄ هليو ويو.“

سائين بيدار جعفري، ”هو آيو، ڇائنجي ويو ... ۽ الوپ ٿي ويو.“ جيون ڪهاڻي جي فلسفي جيان اسان جي زندگين ۾ داخل ٿي، جاڳرتا جي جوت جلائي وري پاڻ وڇڙي ويو ... ۽ اسين ريل گاڏيءَ جي پوئتي رهجي ويل منظرن ۾ بت بڻجي رهجي وياسين. ■

## خيرپورميرس، اسلام آباد، ناران، بٽا ڪنڊي، بابوسر، هنزا ۽ گلگت جو سفر_2

# جنت جهڙي نلتر وادي



الطاف ابڙو



بابوسر کان پوءِ روڊ آهستي آهستي هيٺ لهڻ لڳو. سامهون چلاس جو علائقو هو. جيڪو خيرپور جي گرميءَ جهڙو شهر هو. هاڻي منظر بدلجي ويو. سرسبز جبلن جي جاءِ تي پهاڙي سلسلا ۽ پٿريلا منظر اچي ويا. پر انهن جي پنهنجي خوبصورتي هئي. گلگت ۾ هر ڏهن ڪلوميٽرن کان پوءِ جبلن جو رنگ تبديل، پاڻي تبديل ۽ ماڻهن جو لهجو ۽ انداز تبديل نظر آيو. ڪٿي پاڻي نيرو،ڪٿي فيروزي، ڪٿي اڇو ته ڪٿي ميرانجهڙو هو. جبل به ڪٿي اڇا، ڪٿي سرمئي ته ڪٿي مٽيءَ جهڙا نظر آيا.

چلاس کان پوءِ اسان سنڌو درياهه سان گڏ سفر ڪرڻ لڳاسين. اهو ساڳيو سنڌو، جنهن سنڌ جي تهذيب کي جنم ڏنو، جيڪو هزارين سالن کان جبلن کي چيري پنهنجو سفر جاري رکندو پيو اچي. درياهه جو گجگوڙ ٻڌندي ئي دل ۾ ان لاءِ عجيب احترام ۽ فخر پيدا ٿي رهيو هو.

اسين شام جو گلگت پهتاسين. هوٽل ۾ سامان رکي ٿوري دير آرام ڪيو. پوءِ انڊس هوٽل ۾ رات جي ماني کاڌي. دوستن جي ڪچهري رات دير تائين هلندي رهي، پر سڀني کي خبر هئي ته سڀاڻي اسان کي نلتر وادي ڏانهن روانو ٿيڻو آهي، جنهن کي گلگت_بلتستان جي جنت سڏيو وڃي ٿو.

گلگت جو صبح ٻين شهرن کان مختلف هوندو آهي. هتي صبح جو سج جبلن جي اوٽ مان آهستي آهستي نڪرندو آهي ۽ ان جا پهريان ڪرڻا برف سان ڍڪيل چوٽين کي سونهري رنگ ۾ رنگي ڇڏيندا آهن. اهڙي حسين صبح ۾ اسان نلتر واديءَ ڏانهن روانا ٿياسين.

گلگت کان نلتر تائين جو فاصلو گهڻو نه آهي، پر سفر آسان به ناهي. نمل تائين گاڏي وئي، پوءِ اڳتي جي اوچاين ۽ اٻرابريءَ وارن رستن سبب اسان کي به مقامي جيپون ڪرڙيون پيون. جبلن جي پيچرن تي هلندڙ اهي جيپون ڪڏهن پٿرن تي ٽپا ڏيڻ لڳيون ٿي، ته ڪڏهن اهڙن موڙن تان گذريون ٿي،جتي هيٺ ڏسڻ سان ئي دل ڌڙڪڻ لڳي پئي. هڪ ڪلاڪ جي سفر کان پوءِ جڏهن نلتر وادي اسان جي سامهون آئي ته، محسوس ٿيو واقعي فطرت پنهنجو سڀ کان خوبصورت راز هتي لڪائي رکيو آهي.

چئني طرفن کان ٻيلا، برف سان ڍڪيل چوٽيون، ٿڌيون هوائون، شفاف پاڻيءَ جون نديون ۽ آسمان سان ڳالهيون ڪندڙ وڻ هئا. هر منظر دل کي موهي رهيو هو.

جڏهن اسان نلترجي مشهور ڍنڍن (نيري ڍنڍ، فيروزي ڍنڍ ۽ ست رنگي ڍنڍ) وٽ پهتاسين ته ڪجهه دير لاءِ سڀئي خاموش ٿي وياسين. ڍنڍ جو پاڻي ايترو شفاف ۽ نيرو هو، جو آسمان ۽ جبل پاڻ کي ان ۾ ڏسي رهيا هئا. پاڻيءَ جي سطح تي هلڪي هوا جون لهرون به ڪنهن مصور جي برش جا اسٽروڪ لڳي رهيون هيون.

نلترجي خاموشيءَ ۾ هڪ عجيب موسيقي هئي. نه گاڏين جو شور، نه شهرن جي ڊوڙ. نه زندگيءَ جي هڻ هٽان. رڳو پکين جون ٻوليون، هوا جي سرگوشي ۽ وهندڙ پاڻيءَ جو آواز هو. هتي ويهي مون کي احساس ٿيو ته قدرت جي سڀ کان وڏي دولت خاموشي آهي.

چند ڪلاڪن جي سير کان پوءِ اسان واپس ٿي، هنزا ڏانهن روانا ٿياسين. قراقرم هاءِ وي تي هلندي هر موڙ تي نوان منظر سامهون اچي رهيا هئا. ڪٿي بلند جبل، ڪٿي ننڍڙا ڳوٺ، ته ڪٿي خوبانين جا باغ. شام جو جڏهن هنزا پهتاسين ته ٿوري دير آرام ڪرڻ کان پوءِ بازار گهمڻ نڪتاسين.

هنزا جي بازار ٻين سياحتي شهرن کان مختلف لڳي. هتي شور گهٽ ۽ سڪون وڌيڪ هو. دڪاندار مسڪرائي ڳالهائي رهيا هئا، سياحن سان عزت سان پيش اچي رهيا هئا.

مون پنهنجي گهر وارن لاءِ ڪجهه سوکڙيون خريد ڪيون، خاص طور بابا سائينءَ لاءِ گرم ٽوپي ۽ شال ورتم. حسن کوسو ۽ محمد سليم جوڻي به مقامي هٿ جو ٺهيل سامان پسند ڪيو. شام جو اسان ڏُوئيڪر (ايگلز نيسٽ) پهتاسين، جيڪو هنزا کان لڳ ڀڳ اٺ ڪلوميٽر مٿي اوچائي تي واقع آهي. پاڪستان ۾ جيڪڏهن ڪنهن هنڌ تان هڪ ئي وقت ڪيترين برفاني چوٽين کي ڏسي سگهجي ٿو ته اهو هنڌ ڏُوئيڪر آهي.

سامهون راڪاپوشي پنهنجي پوري عظمت سان بيٺي هو. پرسان ليڊي فنگر، الٽر پيڪ، ڊيران پيڪ ۽ گولڊن پيڪ جون برفاني چوٽيون شام جي لهندڙ سج جي روشنيءَ ۾ سونهري رنگ اختيار ڪري رهيون هيون. اهو منظر لفظن ۾ بيان ڪرڻ ممڪن ناهي. ڪئميرا ان جي تصوير ته محفوظ ڪري سگهي ٿي، پر ان لمحي جو احساس نه. رات جي ماني هارڊ راڪ هوٽل ۾ هئي، جنهن جي ميزباني هنزا جي ڊپٽي ڪمشنر طرفان ڪيل هئي. مقامي ڪاڌن سان اها يادگار مهمان نوازي هئي. هنزا جي ماڻهن سان ملڻ کان پوءِ محسوس ٿيو ته ترقي صرف وڏين عمارتن سان نه ٿيندي آهي، پر ماڻهن جي سوچ، تعليم ۽ روين سان ٿيندي آهي.

هتي تقريباً هر ٻار اسڪول وڃي ٿو. عورتون تعليم، صحت، ڪاروبار ۽ زراعت ۾ مردن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي ڪم ڪن ٿيون. صفائيءَ جو اهڙو خيال رکيو وڃي ٿو، جو سڄي وادي ڪنهن باغ وانگر لڳي ٿي. مون ڪيترن هنڌن تي ڏٺو ته سياح پاڻ به ڪو ڪچرو نه اڇلائي رهيا هئا، ڇو ته مقامي ماڻهن جو عمل ئي سندن لاءِ سبق بڻيل هو. رات جو دير سان هوٽل تي موٽياسين. دريءَ مان ٻاهر نظر وڌم ته برفاني چوٽين تي چنڊ جي هلڪي روشني پئجي رهي هئي. لڳو ڄڻ سڄي هنزا ڪنهن خواب جي دنيا ۾ سمهي پئي هجي. ■


---

## ڪتاب: ڏک سُکن جي سونهن (ڪالم)_ ليکڪ: مولائي ملاح

# سماج جي نبض تي هٿ رکندڙ ليکڪ



سعيده چانڊيو




هيءُ ڪتاب ڪالمن جو مجموعو آهي، جنهن ۾ نالي واري ليکڪ مولائي ملاح جا اُهي ڪالم شامل آهن، جيڪي مختلف وقتن تي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيا هئا. ڪتاب ۾ شامل 38 ڪالم، مختلف موضوعن تي لکيل هئڻ باوجود هڪ گڏيل فڪري تسلسل رکن ٿا، جنهن مان ليکڪ جي سماجي ذميواري، قومي درد، صحافتي بصيرت ۽ سنڌ سان بي لوث محبت نمايان نظر اچي ٿي. ڪتاب جو مهاڳ "اندر جا اڌما" جي سري سان سنڌ جي نامياري ليکڪا، محقق ۽ دانشور مهتاب اڪبر راشدي لکيو آهي. مهاڳ ۾ هن مولائي ملاح جي شخصيت، صحافتي سفر ۽ فڪري لاڙن تي روشني وجهندي سندس لکڻين کي سماج جي نبض تي هٿ رکندڙ تحريرون قرار ڏنو آهي. ڪتاب ۾ "نه اکر" جي عنوان سان امداد سومرو پڻ پنهنجي راءِ پيش ڪئي آهي، جنهن ۾ هن ليکڪ جي قلم جي سچائي، عوامي احساسن سان وابستگي ۽ سماجي مسئلن بابت سندس حساسيت کي ساراهيو آهي.

هنن ليکن ۾ ليکڪ ڪٿي سنڌي لوڪ گيت "هوجمالو" جي تاريخ تي تحقيقي انداز ۾ روشني وڌي آهي ته، ڪٿي شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي جنم ڏينهن جي حوالي سان سنڌ جي روحاني ۽ ثقافتي سڃاڻپ کي اجاگر ڪيو آهي. "سنڌ جا معصوم اڃا ڪيستائين ڪتن کان ماس پٽائيندا؟" ليک سرڪاري غير ذميواري ۽ لاپرواهين تان پردو ڪڻي ٿو. ان ۾ ليکڪ ٻارن جي تحفظ بابت سرڪاري ادارن جي غفلت تي سخت سوال اٿاريا آهن. اهڙي طرح "غير ذميواري گهر اُجاڙي ڇڏيا" ۾ سماجي لاپرواهيءَ جي نتيجن کي اثرائتي انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

مولائي ملاح جي ڪالمن ۾ سياسي شعور پڻ نمايان نظر اچي ٿو. "عوام لاءِ نئون اتساهه: آصف ڀٽو،" "بلاول صاحب، آخر عوام جا مسئلا ڪڏهن حل ٿيندا؟" ۽ "ايم ڪيو ايم سنڌ دشمني کان مڙي وڃي"جهڙن ليکن ۾ ليکڪ سياسي حالتن تي تبصرو ڪندي عوامي مفادن کي اوليت ڏني آهي. هو ڪنهن به سياسي ڌر جي انڌي حمايت ڪرڻ بدران عوامي ڀلائي، جمهوري قدرن ۽ قومي مفادن جي ڳالهه ڪري ٿو.

ادا مولائي ملاح جي لکڻين جي سڀ کان وڏي خوبي سندس سليس ٻولي آهي. هُو ڏکين موضوعن کي به اهڙي سادي انداز ۾ بيان ڪري ٿو، جو عام پڙهندڙ به آساني سان اهي سمجهي سگهي ٿو. سندس نثر ۾ صحافت جي رواني، ادب جي خوبصورتي ۽ تحقيق جي سنجيدگي گڏيل صورت ۾ ملي ٿي. هو لفظن جي اجائي نمائش بدران حقيقتن، دليلن ۽ احساسن کي اهميت ڏئي ٿو، جنهن ڪري سندس ڪالم وڌيڪ اثرائتا بڻجن ٿا. هي ڪتاب صرف ڪالمن جو مجموعو نه پر سنڌ جي هڪ دور جي سماجي، سياسي ۽ ثقافتي تاريخ جو زندهه رڪارڊ پڻ آهي، جنهن ۾ ليکڪ نه رڳو مسئلن جي نشاندهي ڪري ٿو، پر ڪيترن ئي هنڌن تي انهن جا ممڪن حل به ٻڌائي ٿو. سندس قلم احتجاج به ڪري ٿو، اصلاح جو پيغام به ڏئي ٿو ته امید جي روشني به ورهائي ٿو.

"ڏک سُکن جي سونهن" عنوان پنهنجي جوهر ۾ ئي وڏي معنيٰ رکي ٿو. زندگي ڏکن ۽ سکن جي گڏيل نالي جو نالو آهي ۽ ادا مولائي ملاح انهن ٻنهي رخن کي پنهنجي مشاهدي، تجربي ۽ احساس سان پيش ڪيو آهي. هن ڏکن کي صرف ماتم جو سبب نه بڻايو آهي، پر انهن مان سِکڻ، سَنيرڻ ۽ اڳتي وڌڻ جو درس پڻ ڏنو آهي. اهوئي سبب آهي جو ڪتاب پڙهندڙ کي سوچڻ، محسوس ڪرڻ ۽ پنهنجي سماجي ذميوارين بابت غور ڪرڻ تي مجبور ڪري ٿو.

سنڌي ڪالم نگاريءَ ۾ هن ڪتاب جي اهميت ان ڪري به وڌي وڃي ٿي جو هي رڳو ادبي ذوق جي تسڪين نٿو ڪري، پر پڙهندڙ جي فڪري تربيت پڻ ڪري ٿو. اڄ جڏهن سماج ڪيترن ئي بحرانن، اخلاقي زوال ۽ فڪري انتشار جو شڪار آهي، تڏهن اهڙا ڪتاب شعوري آبياريءَ جو اهم ذريعو بڻجن ٿا.

176 صفحن وارو هيءُ ڪتاب مولائي پبليڪيشن محرابپور ڇپرائي پڌرو ڪيو آهي، جنهن جي قيمت 600 رپيا آهي. ■



## غزل

### اويس ساگر



هوڏانهن ننگرپار پِڄي تو
هيڏانهن سڪر يارَ پِڄي تو

هوءَ رقص ڪري ٿي رم جهم ۾
سونو ڳچيءَ هار پِڄي تو

سانوڻ وريو تون نہ آئينءَ
سمورو گهر بار پِڄي تو

تنهنجي اوسيئڙي ۾ جوڳڻ
پٽَ تي پنوهار پِڄي تو

ترَ جو گسُ ۽ گام پِڄي تو
ڌرتيءَ جو ڏنار پِڄي تو

اڪيلائي جي آسمان هيٺان
ڪوئي زاروقطار پِڄي تو

## غزل

### سڪندرهاڙهو



مٽيءَ مان ٺهڻي مٽيءَ ۾رندس ڪيسيتائين
مان ائين جيئندس مان ائين مرندس ڪيسيتائين

آزمائش جو شوق وڏو تي او پيٽ جا ضامن
ٻڌا تون جڳ ۾ ٻڪي پيٽ سمهندس ڪيسيتائين

اڏ گيدو آ جيئڻ پنهنجو هن دنيا ۾
پاڻ لئہ توڪان هٽ پير گهرندس ڪيسيتائين

هڪ هنڌ رهڻ ڏي مون کي مون لئہ ڪافي آ
نہ تہ هرهر جنت دوزخ ورندس ڪيسيتائين

مون کي ٻچپن موتائي ڏي پوڙهائپ وٺ
نہ تہ هن لٺ آسري گهمندس ڪيسيتائين

## نظم

# هڪٻئي جا ٿي نہ سگهياسين

### رابعہ وقار



توکي ڪيترا واسطا ڏنا
محبت جا، وفائن جا
انهن رمجهم گهتائن جا
جن جو وسڻ
۽ ان وسڻ ۾ اسان جو پِچڻ
ساکي آهي چاهتن جيَ ان اونهائيءَ جو
جنهن جي ڪائي ڪٿ ناهي
تڏهن بہ توکي روڪي نہ سگهيس!
تنهنجي وئي پڄاڻان
مون ۾ سرءُ جي منڊ واسو ڪري ورتو ۽ مان
سڪل پنڻ جيان انهن راهن تي ڇڻندي رهيس
جن تي اسان پيار جون پَسارون ڪيون هيون.
زندگي، جيڪا توسان گڏ گذارڻ جهڙي هئي
انائن جي ور چڙهي گذري وئي
محبت ۾ ويڻ مهڻا ۽ طعنا تنڪا
اها بہ تہ محبت ئي هئي
پر پاڻ سمجهي نہ سگهياسين!
ڏس اڄ هي سڀ منظر بہ
پاڻ کي ويڻ ڏئي رهيا آهن تہ
پاڻ هڪ ٻئي جا هوندي بہ
هڪ ٻئي جا ٿي نہ سگهياسين
خوبصورت زندگي هوندي بہ
هڪٻئي ڪي جي نہ سگهياسين
هڪٻئي جا ٿي نہ سگهياسين.

## وائي

### عبدالرسول ”دربان“ خاصخيلي



سوا تو سُجا
ماڙيون محل
ڪين وٽن تا
دکن دردن ۾
پري توڪان پل
ڪين وٽن تا
غيرن چا ڏوھ
پنهنجا اڄ عمل
ڪين وٽن تا
ڇهرو ساڳيو
ويس بَدلَيل
ڪين وٽن تا
ڏرتي اسان جي
ڌارين دخل
ڪين وٽن تا
سنڌي ٻاجهاري
ٻول ٻيا کُل
ڪين وٽن تا
کُندب چنگ چوريان
هگاما يا هُل
ڪين وٽن تا
حق جي طالب ڪي
تڪساٽ نقل
ڪين وٽن تا.

## غزل

### سيف نياز

سڏيم ڪيڏو هن کي، مڙي هن ڏنو بہ نہ
سڪي او سڪي ٻڌ، اڙي هن ڏنو بہ نہ!

هوائن ۾ وڪريون ، صدائون سموريون
سڏي ويهجي وئي نڙي، هن ڏنو بہ نہ!

هجر جا ڪتيا سال ڪيڏا روئي مون
ملڻ جي آئي جو گهڙي، هن ڏنو بہ نہ!

نياپا اماڻيا الائي جي ڪيترا
نہ آيو، نہ آيو لڙي هن ڏنو بہ نہ!

اها بي نيازي، وٽي ڪانہ هن جي
لڳي تي زهر جيان ڪڙي، هن ڏنو بہ نہ!

اڳي ڪونہ اهڙو ، هيو منهنجو ساجن
لڳل باھ آ دل سڙي، هن ڏنو بہ نہ!

الائي ٿيو ڇا؟ پڳي ڪهڙي غلطي
آئي ڪيئن گهڙي بيوڙي، هن ڏنو بہ نہ!

## غزل

### امر آفتاب سومرو

دِل مان نہ ڇڏ ڏڪاري ، بي گهرُ نہ ٿي وڃان مان
ڪَسِ پيار جي نہ دولَتَ، بي زَرَ نہ ٿي وَڃان مان

وفائن جي وٽن کي تون، نہ وڍِ بي رحم هٿڙن سان
خزان جو قيد ٿي رهجانءِ، بي ثمر نہ ٿي وڃان مان

نہ موڙ منهن محبت کان، نہ توڙ آس جون ڏوريون
تنهنجي راھ جو مسافر، بي سفر نہ ٿي وڃان مان

اڪين جي آسمان تان تون، نہ لاھ چنڊ مرڪن جو
انڌيرن ۾ ڀٽڪندي، بي سحر نہ ٿي وڃان مان

جي قسمت ۾ آ وڇوڙو، تڏهن بہ ياد رکجانءِ تون
تنهنجي دل تان لهي آخر، بي اثر نہ ٿي وڃان مان

رُسڻ تنهنجو قبول آ، پر ايترو بہ ظلم نہ ڪر
تنهنجي نانءَ کان سواءِ ڪو، دربدر نہ ٿي وڃان مان

دعا آ بس خدا کان هيءَ، محبت زنده رهي شل
تنهنجي ساهن کان وڇڙي، بي خبر نہ ٿي وڃان مان

## غزل

### انور سانول



پنهنجي حصي ۾ آيون، غربت جون پارسايون
محبوب ماڻجن ڪيئن محبت جون پارسايون

هر هر چوان نہ چِجُ تون، باطن هجين يا ظاهر
پاڻان ڪڏان پلا ڪئين چاهت جون پارسايون

آدم ابو ٻنهي جو ، جيجل حوا امڙ آ
ساڳي بدن ٻٽيون هن عصمت جون پارسايون

اهڙي نہ راھ هلجي، موٽڻ جتان ڏکيو ٿئي
ڪوئي نہ يار ڇاڻي نفرت جون پارسايون

دوکو نڳي نہ سانول، مزدور آدمي هان
پنهنجي مزاج ۾ هن محنت جون پارسايون

## وائي

### حسن وساڻ



اڳيان ڪاري ٻاٽ
ڏسيو ڪائي واٽ
پاڻ تہ آهيو پنڌ ۾
ڦهتي اونده ۾ اڇي
چانڊوڪيءَ جي ڇاٽ
پاڻ تہ آهيو پنڌ ۾
اپ ۾ ڪارا ڪڪرءِ
گوڙن جا ڪڙڪاٽ
پاڻ تہ آهيون پنڌ ۾
اونده ۾ اڳواڻ ٿيو
جڳنو ٻٽجي لاٽ
پاڻ تہ آهيون پنڌ ۾

# محبت مشروط بڻجي وئي آهي

### حڪيم پريم چاندواڻي



زندگيءَ جو سڀ کان وڏو سرمايو دولت، شهرت يا طاقت نہ، پر انسان جي دل آهي. دل جڏهن خوش هجي تہ ڏک بہ هلڪا لڳن ٿا، ۽ جڏهن دل ٽُٽي ٿي تہ سڄي دنيا جي خوشين ۾ بہ سڪون نٿو ملي.

اڄ جو انسان ترقيءَ جي ڊوڙ ۾ ايترو تہ مصروف ٿي ويو آهي، جو هن جي دل مان احساس، همدردي ۽ قربت آهستي آهستي گهٽجندي پئي وڃي. رشتا هاڻي مفادن جي ميزانن ۾ توريا وڃن ٿا. دوستي فائدي تائين محدود ٿي وئي آهي، محبت مشروط بڻجي وئي آهي، ۽ عزت بہ دولت سان ماپي وڃي ٿي. اهڙي ماحول ۾ دليون زخمي ٿين ٿيون، اعتماد ٽُٽي ٿو، ۽ انسان اندر ئي اندر اڪيلو ٿيندو وڃي ٿو.

دل ٽوڙڻ لاءِ وڏي طاقت جي ضرورت ناهي. هڪ سخت جملو، هڪ ڪوڙو الزام، هڪ بي وفائي، هڪ بي عزتي يا ڪنهن جي احساسن کي نظرانداز ڪرڻ بہ دل کي زخمي ڪري سگهي ٿو، پر دل جوڙڻ لاءِ وڏو ظرف، نرم لهجو، سچي محبت، معافي، خلوص ۽ انسانيت جي ضرورت هوندي آهي. اهو ڪم صرف اهي ماڻهو ڪري سگهن ٿا، جن جي دل پاڻ بہ محبت سان ڀريل هوندي آهي.

اسان جي سماج کي اڄ انهن ماڻهن جي وڏي ضرورت آهي، جيڪي مايوس انسانن کي آسرو ڏين، روئيندڙ اکين کي مرڪ ڏين، ٽُٽل رشتن کي ڳنڍين، ۽ نفرتن بدران محبت جا ٻج پوکين. هڪ سٺو لفظ، هڪ سچي دعا، هڪ همدرداڻو هٿ، ۽ هڪ مخلص مرڪ ڪيترين ئي ٽُٽل دلين کي نئون حوصلو ڏئي سگهي ٿي.

انسان جي اصل عظمت ان ۾ آهي تہ هو ٻين جي عزت، احساسن ۽ اميدن جي حفاظت ڪري. والدين، استاد، اڳواڻ، اديب، صحافي ۽ سماج جا ذميوار فرد جيڪڏهن پنهنجي عمل سان دلين کي جوڙڻ جو پيغام ڏين، تہ ايندڙ نسل محبت، برداشت ۽ امن جي ماحول ۾ وڌندو. اها محبت صدين تائين خوشبوءَ وانگر رهي سگهي ٿي.

اچو تہ اڄ پاڻ سان اهو واعدو ڪريون تہ اسان جا لفظ مرهم بڻجندا، زخم نہ. اسان جا رويا اميد بڻجندا، مايوسي نہ، ۽ اسان جا قدم دلين کي جوڙيندا، توڙيندا نہ. ڇاڪاڻ تہ تاريخ هميشہ انهن ماڻهن کي عزت ڏني آهي، جن زخمن تي مرهم رکي آهي، نڪي انهن کي وڏايو آهي. ■

# آرٽ جي دنيا ڏسڻ لاءِ نيويارڪ ويندي

تاشفين رضوان

هر آرٽسٽ جي دل ۾ هڪ اهڙو شهر ضرور وسي ٿو جتي ڪيس يقين هوندو



آهي ته سنڌس فن جو قدر ڪيو ويندو، سنڌس جذبن کي محسوس ڪيو ويندو ۽ سنڌس خوابن کي وسعت ملندي. منهنجي لاءِ اهو شهر هميشه نيويارڪ رهيو هو. دنيا مان ماڻهو هن شهر ۾ ايندا آهن. ڪو سياحت لاءِ، ڪو تجارت لاءِ ۽ ڪو پنهنجي قسمت آزمائڻ لاءِ. پر نيو يارڪ صرف موقعا ناهي ڏيندو، اهو انسان کي، پنهنجي نئين سڃاڻپ ڳولڻ جو حوصلو پڻ ڏيندو آهي. اهو شهر نسل، ٻولي، مذهب يا قوميت کان وڌيڪ صلاحيت تي يقين رکي ٿو. جڏهن مان ڪراچيءَ مان روانگي جي تياري ڪري رهيو هئس ته منهنجي دل ۾ يقين هو ته، منهنجي آرٽ کي جيڪڏهن ڪو شهر پوري گهرائيءَ سان محسوس ڪري سگهي ٿو ته اهو نيويارڪ ئي آهي، پر خوابن جا رستا هميشه هموار ناهن هوندا.

ويزا جي طويل مرحلن منهنجي خواهش کي ملتوي ڪري ڇڏيو، پر پنهنجي ارادي کي ڪمزور ٿيڻ نه ڏنم. ٽڪيٽ ورتم. ڪيسي ۾ ڪجهه ڊالر وڌم، جيڪي سفري خرچ لاءِ ڪافي لڳي رهيا هئا. دل اندر هڪ اهڙو جوش ۽ جذبو هو، جنهن جو لفظن ۾ بيان ممڪن ناهي. ان وقت لڳي رهيو هو، ڄڻ قسمت به مون سان هم سفر هئي.

مون کي دنيا جي هنن ٽن وڏن آرٽ ايونٽس جا دعوت ناما (VIP Preview Invitation) مليا، جن ۾ آرٽ ايڪسپو شڪاگو (Art Expo Chicago)، دي آرمري شو نيويارڪ (The Armory Show New York) ۽ آرٽ بيسل سئزرلينڊ (Art Basel Switzerland).

ڪنهن آرٽسٽ لاءِ اهڙيون دعوتون ۽ تقريبن ۾ شرڪت هڪ اعزاز مثل هوندي آهي. منهنجي سوچ ۾ ان وقت اهي خيال ڦري رهيا هئا ته، مان اتي وڃي پنهنجي ملڪ ۽ سنڌ ڌرتيءَ جي نمائندگي ڪندس ۽ سالن جي خاموش فن مصوريءَ جو نماءُ ڪندس. مزي جي ڳالهه ته ٺيڪ اوڏيءَ مهل منهنجي دوست، فرينڪ گلا جو موبائل تي پيغام آيو ته، "تاشفين، سپاٽي هڪ اهم نمائش جو افتتاح آهي، ضرور اچجانءِ. توکي ڪيترن آرٽسٽن ۽ ڪيوريٽرس سان ملاقاتن جو شرف حاصل ٿيندو."

پيغام پڙهندي ئي مون محسوس ڪيو ته شايد هي سفر رڳو سفر نه، پر منهنجي آرٽ جي زندگيءَ جي نئين باب جي شروعات آهي.

آمريڪا ۽ ايران جنگ جي فضا ۽ ڇڪتاڻ سبب منهنجيون به فلائيٽون رد ٿي ويون. هر طرف اهي ئي آواز هئا، "هن وقت سفر نه ڪر. جنگ هلي رهي آهي. خطرو آهي. ڪجهه انتظار ڪر."

مان دل ۾ انهن آوازن کي جواب ڏئي رهيو هوس ته، "ٻاهر جي جنگ کان وڌيڪ جيڪا جنگ منهنجي اندر هلي رهي آهي، ان کي ڪيئن سمجهايان."

هڪ آواز گونجيو، "ڪجهه ٿي وڃئي ته؟ اسان جو توکان سواءِ ڪير آ." مون مرڪي چيو، "منهنجو پاڻ تي اعتماد آهي. ڪجهه نه ٿيندو. جو توڪل تي يقين رکندو آهيان."

ان ڏينهن ائين محسوس ڪري رهيو هئس ته، منهنجي اندر ۾ جيڪو جنون آهي، اهو ئي مون کي نئين تاريخ رقم ڪرڻ لاءِ هڪ اڻ ڏٺل ڏيهه ڏانهن وٺي وڃي رهيو آهي. ايئرلائن جي آفيس ۾ ڊگهي بحث کان پوءِ آخرڪار هڪ فلائيٽ ملي. ٽڪيٽ هٿ ۾ ڪري مون دل ئي دل ۾ چيو، "هاڻي جيڪو به ٿيندو، ڏٺو ويندو."

چوويهه ڪلاڪن جو سفر. ڪراچي ايئرپورٽ کان استنبول ۽ نيويارڪ ڏانهن...

صبح جو سوير ٽرالي ڌڪيندي ڪراچي ايئرپورٽ کان روانو ٿيس. جهاز ۾ سفر دوران چئوطرف نظر ڊوڙايم ته هر مسافر جي چهري تي منزل تائين پهچڻ لاءِ اڻ تڻ هئي. ڪنهن جي اکين ۾ خوشيءَ جي لهر محسوس ڪيم ته، ڪنهن جي چهري تي وڇوڙي جي اداسي جهلڪي رهي هئي. مون آخري ڀيرو پاڪستان جي زمين ڏانهن نهاريو.

دل مان بي اختيار هڪ آواز اڀريو، "مان موٽي ايندس... ۽ واپسيءَ تي شايد ساڳيو ماڻهو نه رهندس."



استنبول تائين سفر خوشگوار گذريو. هوائي جهاز جي دريءَ مان هيٺ نهاريم ته جهاز ڪڪرن جي مٿان اڏامي رهيو هو دلفريب منظر نظر اچي رهيا هئا. مون سوچيو، "شايد انسان جا خواب به ائين ئي هوندا آهن... زمين تان ڏسڻ ۾ ڌنڌلا، پر آسمان تان ڏسڻ ۾ بيحد ئي حسين."

استنبول ايئرپورٽ ماڻهن سان ڀريل هو.

هر قوم، هر ٻولي، هر رنگ...

ائين لڳو ڄڻ سڄي دنيا هڪ ئي ڇت هيٺ گڏ ٿي هجي.

ڪافيءَ جو ڪوپ هٿ ۾ هو، پر ننڊ اکين ۾ ڀريل هئي. لڳ ڀڳ چوويهه ڪلاڪن جو سفر.

جسم ٿڪجي چور ٿي چڪو هو، پر ذهن سجاڳ هو. نيٺ ... هوائي جهاز نيويارڪ، جي ايف ڪي انٽرنيشنل ايئرپورٽ" (JFK International Airport)تي لٿو.

دريءَ مان ٻاهر نهاريم. هي اهوئي شهر هو، جنهن کي سالن کان هالي ووڊ جي فلمن، ڪتابن ۾ ڏسندو آيو هوس: اسپيڊ ۽ ٽرمينل 1، فلمون ته سڄي نيويارڪ جي ايئرپورٽ تي ئي فلمايل آهن.

دل زور سان ڌڙڪي رهي هئي.

اميگريشن جي قطار ۾ بيٺس.

هڪ آفيسر منهنجو پاسپورٽ ڪٽي مٿي نهاريو.

Purpose of your visit?''"

مون جواب ڏنو:

I am an artist, visiting for art exhibitions.''"

هن وري پڇيو:

What brings you to the United States?''"

مون ڪجهه سيڪنڊ خاموش رهي وراڻيو.

I have come to share the spirit of the Indus Valley "
Civilization, Mohenjo Daro through my art.''

آفيسر ڪجهه گهڙيون مون ڏانهن ڏسندو رهيو. پوءِ چيائين:

That's a beautiful.''"

''Welcome to the United States.''

اميگريشن مان نڪرندي ئي مون پنهنجي دوست ذيشان کي فون ڪيو: "السلام عليڪم، مان جي ڪي ايف نيويارڪ پهچي ويو آهيان."

ذيشان وراڻيو، "مبارڪ هجئي." ■هلندڙ






عارف چانڊيو

پوڙهي آسمان ڏانهن ڪنڌ ڪڍي نهاريو. هو آسمان ۾ وڃائجي ويو: ڄڻ آسمان ۾ عبارتون لڪيل هجن، جيڪي هو پڙهي رهيو هيو. هن ڪنڌ هيٺ ڪيو ۽ سوچڻ لڳو، "وقت ته ٿي ويو آهي، هن کي پهچڻ گهربو هيو."

هن وري آسمان ڏانهن نهاريو. آسمان تي ڪڪرچانيل هيا. هلڪو مينهن وسي رهيو هو.

ڏور پري هن ڪنوڻ جي ڪِرندي ڏٺي، پر هي پوڙهو ڏاڍو پرسڪون هو. هن پنهنجي پرسان ڪنهن جي موجودگي محسوس ڪئي ۽ چيو، "آخرتون پهچي وئين؟ مونکي ڪافي ڏينهن کان تنهنجي اچڻ جو انتظار هيو."

اجنبي خاموش رهيو.

"آءُ هميشه چاهيندو هيس ته ان ڏينهن ضرور مينهن پوندو ۽ موسم هلڪي سرد ٿيندي. هر شيءِ جو وقت هوندو آهي. هر پل ۾ پنهنجي تازگي آهي ۽ هر گهڙيءَ ۾ موجود هئڻ گهرجي. مونکي ڪو به افسوس ڪونهي. نه ئي ڪا خواهش اٿم. مونکان جيترو ٿي سگهيو، خوش رهڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ٻين جي ڪم اچڻ جي." پوڙهي ڳالهايو، پر اجنبي وري به ماٺ رهيو ۽ سُري اچي پوڙهي جي پرسان ويهي رهيو.

پوڙهي، اجنبيءَ کي پنهنجي پرسان ڏسي مسڪرايو. اجنبي، پوڙهي جي ڪَن ۾ سرگوشي ڪئي ۽ پوڙهي کي ننڊ وٺي وئي. ■